مدني منن جي لاءِ اسلام جي بنيادي معلومات تي مشتمل منفرد ڪتاب





# اسلام جي بنيادي معلومات

(حصو ٻيو)



پيشڪش:

مجلسِ مَدرَسةُ المَدِينه

مجلسِ المَدِينَةُ العلمية

سنڌي ترجمو: مجلس تراجم

مدني منن جي لاءِ اسلام جي بنيادي معلومات تي مشتمل منفرد ڪتاب

# اسلام جي بنيادي معلومات (حصو پهريون)

پيشڪش:

مجلسِ مَدرَسةُ المَدِينه ۽ مجلسِ المَدِينةُ العلمية


سنڌي ترجمو: مجلس تراجم

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail:* translation@dawateislami.net





www.dawateislami.net

# اَلمَدينۃُ العِلمِيّۃ

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلحَمدُ للّٰه عَليٰ اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”**دعوت اسلامي**“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جن مان هڪ مجلس ”**المدينة العلمية**“ بہ آهي. جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن كَثَّرَهُمُ اللّٰہُ تعالٰی تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

**(1) شعبہء ڪُتُبِ اعليٰحضرت** **(2) شعبہء درسي ڪُتُب**

**(3) شعبہء اِصلاحي ڪُتُب** **(4) شعبہء تراجِمِ ڪُتُب**

**(5) شعبہء تفتِيشِ ڪُتُب** **(6) شعبہء تَخرِيجِ ڪُتُب**

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعلٰي حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري



www.dawateislami.net

الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده دؤر جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيارين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ "**دعوتِ اسلامي**" جي سڀني مجلسن گڏوگڏ "المدينة العلمية" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي ڀلائي جي هر ڪم کي زيورِ اخلاص سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي. اٰمين بجاهِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ساراهه ۽ سعادت

حضرت سيدنا امام عبدالله بن عمر بيضاوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی (متوفيٰ 685ھ) ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندو آهي دنيا ۾ ان جي ساراهه ٿيندي آهي ۽ آخرت ۾ سعادتمندي نصيب ٿيندي.

(تفسير بيضاوي پ 22 الاحزاب تحت الآية 71 ج 4 ص 388)



www.dawateislami.net

# پھريان ھن کي پڙھو

قرآن شريف الله تعاليٰ جو آخري ڪتاب آھي. ھن ڪي پڙھڻ وارو ۽ ھن تي عمل ڪرڻ وارو ٻنھي جھانن ۾ ڪامياب و ڪامران ٿيندو آھي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ بيرون مُلڪ حِفظ ۽ ناظِره جا بي شمار مدرسا ”مدرسةُ المدينہ“ جي نالي سان قائم آھن. صرف پاڪستان ۾ ھي ستون لکڄڻ تائين اٽڪل 75,000 (پنجھتر ھزار) مدني مُنّن ۽ مدني مُنين کي حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي. انھن مدرسن ۾ قرآن ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ ديني معلومات ۽ تربيّت جو بہ خاص خيال رکيو ويندو آھي تہ جيئن مدرسة المدينہ مان پڙھي فارغ ٿيڻ وارو شاگرد تعليمِ قرآن سان گڏوگڏ ديني اسلامي تعليمات سان بہ روشناس ھجي ۽ ان مان علم و عمل پڻ ظاھر ٿئي، اھو حُسنِ اخلاق جو پيڪر ٻڻجي، بري پلي جي سڃاڻپ رکندو ھجي، برين عادتن کان پاڪ ۽ چڱين وصفن جو مالڪ ھجي ۽ وڏو ٿي معاشري جو اھڙو باڪردار مسلمان ٻڻجي جو سموري زندگي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف رھي.

شعبہ قاعده ۾ جيئن تہ ننڍي عمر جا مدني منا تعليم پرائيندا آھن، ان ڪري انھن جي ذھني سطح جي مطابق اھڙو نصاب پيش ڪجي ٿو جنھن ۾ ابتدائي ديني معلومات تعَوُّذ، تَسمِيہ، ثناء مختصر ۽ آسان دعائون، بنيادي عقيدا، بيا ضروري مسئلا، عام معلومات ۾ آسماني ڪتابن، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، اصحاب و اولياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي باري ۾ ابتدائي معلومات موجود آھي.

”اسلام جي بنيادي معلومات“ جي پيشڪش مجلس مدرسة المدينہ ۽ مجلس المدينة العلميہ جي طرفان آھي جڏھن تہ دارالافتاء اھلسنّت وٽان شرعي تفتيش ڪرائي وئي آھي.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے

ہر اک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

**مجلس مَدرَسَةُ المدينہ ۽ مجلس المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)**



www.dawateislami.net



# حمد باري تعالٰي[1]

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی
گُناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی

پڑھوں سنّتِ قبلیہ وقت ہی پر
ہوں سارے نوافِل ادا یاالٰہی

دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت
رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

ہمیشہ نگاہوں کو اپنی جھکا کر
کروں خاشِعانہ دُعا یاالٰہی

[1] وسائل بخشش ص 42



www.dawateislami.net

ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا
مُجھے مُتَّقی تُو بنا یاالٰہی

غُصیلے مزاج اور تَمَسْخُر کی خَصلت
سے مُجھ کو بچالے بچا یاالٰہی

نہ "نیکی کی دعوت" میں سستی ہو مُجھ سے
بنا شائقِ قافِلہ یا الٰہی

سعادت ملے درسِ "فیضانِ سُنّت"
کی روزانہ دو مرتبہ یا الٰہی

میں مِٹّی کے سادہ سے برتن میں کھاؤں
چٹائی کا ہو بِستَرا یا الٰہی

ہے عالِم کی خدمت یقیناً سعادت
ہو توفیق اِس کی عطا یاالٰہی

"صدائے مدینہ" دوں روزانہ صدقہ
ابوبکر و فاروق کا یا الٰہی

میں نیچی نگاہیں رکھوں کاش اکثر
عطا کر دے شرم و حیا یا الٰہی



www.dawateislami.net

ھمیشہ کروں کاش پردے میں پردہ
تُو پیکر حیا کا بنایا الٰہی

لباس سُنّتوں سے مُزَیَّن رہے اور
عِمامہ ہو سر پر سجا یاالٰہی

سبھی مُشت داڑھی وگَیسو سجائیں
بنیں عاشقِ مصطفٰے یاالٰہی

ہر اِک "مَدَنی اِنْعام" عطّار پائے
کرم کر پئے مصطفٰے یاالٰہی

## ڏينهن جو اعلان

حضرت سيدنا امام بَيهَقِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی "شُعبُ الايمان" ۾ نقل ڪن ٿا ته تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: روزانو صبح جو جڏهن سج ايرندو آهي ته ان وقت "ڏينهن" هي اعلان ڪندو آهي: جيڪڏهن اڄ ڪو سٺو ڪم ڪرڻو آهي ته ڪري وٺو جو اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن به موٽي نه ايندس.

(شعب الايمان ج 3 ص 386 حديث 3840)



www.dawateislami.net



# نعتِ مصطفي ﷺ [1]

سچی بات سکھاتے یہ ہیں
سیدھی راہ چلاتے یہ ہیں

اِنَّآ اَعۡطَیۡنٰکَ الۡکَوۡثَر
ساری کثرت پاتے یہ ہیں

ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا
پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں

رنگے بے رنگوں کا پردہ
دامن ڈھک کے چھپاتے یہ ہیں

ماں جب اکلوتے کو چھوڑے
آ آ کہہ کے بلاتے یہ ہیں

باپ جہاں بیٹے سے بھاگے
لطف وہاں فرماتے یہ ہیں

لاکھ بلائیں کروڑوں دشمن
کون بچائے بچاتے یہ ہیں

اپنی بنی ہم آپ بگاڑیں
کون بنائے؟ بناتے یہ ہیں

کہہ دو رضا سے خوش ہو خوش رہ
مژدہ رِضا کا سناتے یہ ہیں

---

[1] حدائق بخشش ص 170



www.dawateislami.net

# اَذكار

## نماز

### سورة الفاتحه

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم وارو



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۙ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ؕ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ؕ﴿۴﴾ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾

**ترجموڪنزالايمان**: سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جيڪو ساري جهان وارن جو پالڻهار، نهايت مهربان ٻاجهارو، جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ۽ توکان ئي مدد گهرون، اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ، انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو، نہ (انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو .



www.dawateislami.net

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

اللّٰه جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم وارو

## سورة الاخلاص

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ﴿١﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ۬ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ﴿٣﴾

وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿٤﴾

**ترجموڪنزالايمان**: تون فرماءِ اهو اللّٰه آهي اهو هڪ آهي، اللّٰه بي نياز آهي، نہ ان جو ڪو اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو، ۽ نہ وري ان جو ڪو ثاني ۽ (مٽ) آهي.

## رڪوع جي تسبيح

سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡعَظِيۡمِ ط

**ترجمو**: پاڪ آهي منهنجو عَظمت وارو ربّ

## تَسمِيع (رڪوع کان بيهندي)

سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَهٗ

**ترجمو**: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻڌي ورتي جنهن ان جي ساراهہ ڪئي



www.dawateislami.net

## تَحمِيد

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي اسان جا مالڪ! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن

## سَجدي جي تَسبِيح

سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى

**ترجمو:** پاڪ آهي منهنجو پروردگار سڀني کان بلند

## تَشَهّد

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبٰتُ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ
وَ رَحْمَةُ اللّٰهِ وَ بَرَكَاتُهٗ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ
الصّٰلِحِيْنَ ۞ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا
عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ۞

**ترجمو:** سيئي قولي، فعلي ۽ مالي عبادتون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي آهن، سلام هجي توهان تي اي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ ا لله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون، سلام هجي اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي، آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو، محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جا ٻانها ۽ رسول آهن.



www.dawateislami.net

## دُرُودِ اِبراهِيمِي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰٓى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ عَلٰٓى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۞ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰٓى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ عَلٰٓى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۞

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! درود موڪل (اسان جي سردار) محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تو درود موڪليو (سيدنا) ابراهيم (عَلَيهِ السَّلام) تي ۽ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين. اي الله عَزَّوَجَلَّ! برڪت نازل ڪر (اسان جي سردار) محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تو برڪت نازل ڪئي (سيدُنا) ابراهيم (عَلَيهِ السَّلام) ۽ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين.

## دعاءِ ماثوره

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً

وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.



www.dawateislami.net

## خُرُوج بِصُعنِ

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَ رَحۡمَةُ اللّٰهِ

**ترجمو:** تو تي سلامتي هجي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت

(مراقي الفلاح مع حاشية الطحطاوي ص 278، نماز جا احكام ص 181)

## چوٿون ڪلمو توحيد

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ ط لَهُ الۡمُلۡكُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ ط يُحۡيٖ وَ يُمِيۡتُ وَ هُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوۡتُ اَبَدًا اَبَدًا ط ذُوالۡجَلَالِ وَ الۡاِكۡرَامِ ط بِيَدِهِ الۡخَيۡرُ ط وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَیۡءٍ قَدِيۡرٌ ط

**ترجمو:** **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي، هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهيءَ جي لاءِ آهي بادشاهي ۽ انهيءَ جي لاءِ حمد آهي، اهو ئي زنده ڪندو ۽ ماريندو آهي ۽ هو زنده آهي، ان ڪي هرگز ڪڏهن موت نہ ايندو، وڏي جلال ۽ بزرگي وارو آهي، ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي ۽ هو هر شيء تي قادر آهي.



www.dawateislami.net

## پنجون ڪلمو استغفار

اَسْتَغْفِرُ اللهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَأً سِرًّا اَوْ عَلَانِيَةً وَّ اَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِىْ اَعْلَمُ وَ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِىْ لَآ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَ سَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَ غَفَّارُ الذُّنُوْبِ وَ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

**ترجمو:** مان الله عَزَّوَجَلَّ کان معافي گهران ٿو، جيڪو منهنجو پَروردگار آهي، هر گناهه کان جيڪو مون ڄاڻي واڻي ڪيو يا ڀلجي ڪيو لڪي ڪيو يا ظاهر ٿي ڪيو ۽ مان ان جي بارگاهه ۾ توبهه ڪيان ٿو، ان گناهه کان جنهن کي مان ڄاڻان ٿو ۽ ان گناهه کان بہ جنهن کي مان نٿو ڄاڻان (اي الله) بيشڪ تون غيبن جو ڄاڻندڙ ۽ عيبن کي لڪائيندڙ ۽ گناهن جو بخشيندڙ آهين ۽ گناهه کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوّت الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي، جيڪو سڀ کان بلند عظمت وارو آهي.

## ڇهون ڪلمو رد ڪفر

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا وَّ اَنَا اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَآ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّأْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِىْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ



www.dawateislami.net

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي پناهه گهران ٿو، هن ڳالهه کان تہ مان ڪنهن شيء کي تنهنجو شريڪ بڻايان ڄاڻي واڻي ۽ بخشش گهران ٿو توکان ان (شرڪ) جي جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻان ۽ مان ان کان توبہ ڪئي ۽ مان بيزار ٿيس ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪوڙ کان ۽ غيبت کان ۽ بدعت کان ۽ چغلي کان ۽ بي حيائين کان ۽ بهتان کان ۽ تمام گناهن کان ۽ مان اسلام قبول ڪيو ۽ مان چوان ٿو الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا رسول آهن.

# دعائون



## علم ۾ اضافي جي دعا:

اَللّٰهُمَّ رَبِّ زِدْنِیْ عِلْمًا ؕ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي منهنجا ربّ! منهنجي علم ۾ اضافو فرما.



## کير پيئڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ ؕ[1]

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي لاءِ هن (کير) ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي هن کان وڌيڪ عنايت فرما.

[1] سنن ابي داؤد ج 3 ص 476 حديث 3730



www.dawateislami.net

## بيت الخلا ۾ وڃڻ کان پهريان جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَآئِث ط[1]

ترجمو: اي الله! مان ناپاڪ جنّن ۽ جنڙين کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

## بيت الخلا مان ٻاهر نڪرڻ بعد جي دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَذْهَبَ عَنِّي الْاَذٰى وَعَافَانِيْ ط[2]

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن مون کان اذيت دور ڪئي ۽ مون کي عافيت ڏني.



## آئينو ڏسڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ حَسَّنْتَ خَلْقِيْ فَحَسِّنْ خُلُقِيْ ط[3]

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو منهنجي صورت تہ سهڻي بنائي آهي، منهنجا اخلاق بہ سهڻا ڪر.

[1] صحيح البخاري ج 4 ص 195 حديث 6322
2 مصنف ابن ابي شيبة ج 7 ص 149 حديث 2
3 الحصن الحصين ص 102



www.dawateislami.net



## سرمو پائڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ ؕ

ترجمو: الاهي مون کي ٻُڌڻ ۽ ڏسڻ مان نفعو حاصل ڪرڻ وارو بڻاءِ.



## ڪنهن مسلمان کي مرڪندي ڏسي پڙهڻ جي دعا:

اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ ؕ[1]

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ توکي هميشه مرڪندو رکي.

## تيل ۽ عطر لڳائڻ جي دعا

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ[2]

ترجمو: الله نهايت مهربان ٻاجه اري جي نالي سان (شروع)

---

1 صحيح البخاري ج 2 ص 403 حديث 3294

2 صحيح البخاري ج 2 ص 403 حديث 3294



www.dawateislami.net



## مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ[1]

ترجمو: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مون تي پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ.



## مسجد مان نڪرڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ[2]

ترجمو: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مان توکان تنهنجي فضل جو سوال ڪريان ٿو .

## ڇنڪ اچڻ وقت جي دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ[3]

ترجمو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو هر حال ۾ شڪر آهي.

## ڇنڪ جي جواب ڏيڻ واري دعا:

يَرْحَمُكَ اللّٰهُ[4]

ترجمو: اللّٰه تعاليٰ تو تي رحم ڪري.

---

1 سنن ابي داؤد حديث 465 ج 1 ص 199
2 سنن ابي داؤد حديث 465 ج 1 ص 199
3 سنن ترمذي حديث 2747 ج 4 ص 339
4 صحيح البخاري حديث 6224 ج 4 ص 163



www.dawateislami.net

# ايمانيات ۽ عقائد

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ



**سوال:** ڇا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪو شريڪ آهي؟

**جواب:** جي نہ! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي.

**سوال:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ڪان آهي ۽ ڪيستائين رهندو؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو.

**سوال:** سيني جهان وارن کي ڪنهن بڻايو آهي؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سيني جهان وارن کي بڻايو آهي.

**سوال:** سيني کي پالڻ وارو ڪير آهي؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سيني کي پالڻ وارو آهي.

**سوال:** سيني کي رزق ڪير ڏيندو آهي؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سيني کي رزق ڏيندو آهي.

**سوال:** ڇا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪا صفت بُري بہ ٿي سگهي ٿي؟

**جواب:** ڪڏهن بہ نہ! بُري صفت عيب آهي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر عيب کان پاڪ آهي.



www.dawateislami.net

# اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



**سوال:** ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪو نبي ايندو؟

**جواب:** جي نہ! حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪو نبي نہ ايندو ڇوتہ پاڻ سڀگورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خَاتَمُ النَّبِيّن آهن.

**سوال:** خَاتَمُ النَّبِيّن جو ڇا مطلب آهي؟

**جواب:** ان جو مطلب آهي: سڀني نبين مان آخري نبي.

**سوال:** حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري عمر ۾ نبوت جو اعلان فرمايو؟

**جواب:** حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چاليهن سالن جي عمر ۾ نبوت جو اعلان فرمايو.

**سوال:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڌيڪ علم ۽ اختيار ڪنهن نبي کي عطا ڪيا؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي.

**سوال:** حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسم مبارڪ ٻڌي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** درود شريف پڙهڻ گهرجي.

**سوال:** ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سايو هو؟

**جواب:** جي نہ! اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سايو نہ هو.



www.dawateislami.net

# ارڪان اسلام

**سوال:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ نماز جو ڪيترا ڀيرا حڪم فرمايو آهي؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ نماز جو 700 ڀيرا کان وڌيڪ حڪم فرمايو آهي.

**سوال:** جيڪو شخص نماز جي فرضيت جو انڪار ڪري ان جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** جيڪو شخص نماز جي فرضيت جو انڪار ڪري اهو ڪافر آهي.

**سوال:** اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کي پنهنجي اکين جي ٺڏاڻ فرمايو آهي؟

**جواب:** اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز کي پنهنجي اکين جي ٺڏاڻ فرمايو آهي.

**سوال:** نماز جون ڪجهه فضيلتون ٻڌايو؟

**جواب:** نماز پڙهڻ جون هي فضيلتون آهن:



www.dawateislami.net

۞ نماز دين جو ٿنڀ آهي.
۞ نماز مؤمن جي معراج آهي.
۞ نماز الله جي خوشنودي جو سبب آهي.
۞ نماز سان رحمت نازل ٿئي ٿي.
۞ نماز سان گناهه معاف ٿين ٿا.
۞ نماز بيمارين کان بچائي ٿي.
۞ نماز دعائن جي قبوليت جو سبب آهي.
۞ نماز سان روزي ۾ برڪت ٿئي ٿي.
۞ نماز اونداهي قبر جو چراغ آهي.
۞ نماز قبر ۽ جهنم جي عذاب کان بچائي ٿي.
۞ نماز جنت جي ڪنجي آهي.
۞ نماز پل صراط جي لاءِ آساني آهي

۞ نماز مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جو نار آهي.

۞ نمازي کي تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب ٿيندي.

۞ نمازي کي قيامت جي ڏينهن ساڄي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو.

۞ نمازي جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي ته اُنهيءَ کي قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جو ديدار نصيب ٿيندو.

**سوال:** نماز نه پڙهڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟

**جواب:** نماز نه پڙهڻ جا هي نقصان آهن:

۞ بي نمازي کان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿئي ٿو ۞ بي نمازي جي قبر ۾ باهه پڙڪائي ويندي ۞ بي نمازي تي هڪ گنجو نانگ مقرر ڪيو


www.dawateislami.net

ويندو ۞ بي نمازي جو قيامت جي ڏينهن سختي سان حساب ورتو ويندو ۞ جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز ڇڏي ٿو، اُن جو نالو دوزخ جي دروازي تي لکيو ويندو آهي ۞ نماز ۾ سستي ڪندڙ کي قبر ائين دٻائيندي جو ان جون پاسراٽيون ٽُٽي هڪٻئي ۾ ملي وينديون.

**سوال:** ڇا ڀلجي کائڻ پيئڻ سان روزو ٽٽي ويندو آهي؟

**جواب:** جي نہ! ڀلجي کائڻ پيئڻ سان روزو ناهي ٽٽندو.

**سوال:** روزو ڪڏهن فرض ٿيو؟

**جواب:** روزو 10 **شعبان المعظم** 2 هجري ۾ فرض ٿيو.

**سوال:** ڇا روزو رکڻ سان انسان بيمار ٿي پوندو آهي؟

**جواب:** جي نہ! بلڪ حديث شريف ۾ آهي روزو رکو صحتمند ٿيندؤ.

(المعجم الاوسط حديث 8312 ج 6 ص 146)

**سوال:** روزي رکڻ جي ڪا فضيلت بيان ڪريو؟

**جواب:** حديث شريف ۾ آهي جنهن رمضان جو هڪ روزو بہ خاموشي ۽ سڪون سان رکيو ان جي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر سرخ ياقوت يا سبز زبرجد جو ٺاهيو ويندو. (مجمع الزوائد حديث 4792 ج 3 ص 346)



www.dawateislami.net

# ملائڪ

**سوال:** چار مشهور ملائڪ ڪهڙا آهن ۽ اهي ڪهڙو ڪم ڪندا آهن؟

**جواب:** چار مشهور ملائڪ هي آهن:

﴿1﴾ حضرت جِبرائِيل عَلَيۡهِ السَّلَام ﴿2﴾ حضرت اِسرافِيل عَلَيۡهِ السَّلَام

﴿3﴾ حضرت مِيڪائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ﴿4﴾ حضرت عِزرائِيل عَلَيۡهِ السَّلَام

۽ انهن جا ڪم اهي آهن:

۞ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذمي الله عَزَّوَجَلَّ جي وحي کي نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تائين پهچائڻ آهي.

۞ حضرت مِيڪائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذمي رزق پهچائڻ آهي.

۞ حضرت اِسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذمي قيامت جي ڏينهن صور ڦوڪڻ آهي.

۞ حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي ذمي روح قبض ڪرڻ آهي.

**سوال:** انسان سان هر وقت ٻه ملائڪ هوندا آهن انهن کي ڇا چئبو آهي؟

**جواب:** ڪِرامًا ڪاتِبِين.

**سوال:** ڪِرامًا ڪاتِبِين جي ذمي ڪهڙو ڪم آهي؟

**جواب:** ماڻهن جون چڱايون ۽ برايون لکڻ آهي.



www.dawateislami.net

# انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام



**سوال:** نبي ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** نبي ان انسان کي چوندا آهن جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ مخلوق جي هدايت لاءِ وحي موڪلي هجي، چاهي ملائڪ جي ذريعي يا بغير ملائڪ جي.

**سوال:** رسول ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** رسول جي لاءِ انسان هجڻ ضروري ناهي بلڪ رسول ملائڪن ۾ به هوندا آهن ۽ انسانن ۾ به ۽ بعض عالم سڳورا فرمائن ٿا: جيڪي نبي نئين شريعت آڻن انهن کي رسول چوندا آهن.

**سوال:** نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو تعداد ٻڌايو؟

**جواب:** الله عَزَّوَجَلَّ بيشمار انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام موڪليا ۽ اهو ئي انهن جو صحيح تعداد ڄاڻي ٿو.

**سوال:** اَبُوالبَشر ڪنهن نبي عَلَيۡهِ السَّلَام کي چيو ويندو آهي؟

**جواب:** حضرت سيدنا آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي اَبُوالبَشر چيو ويندو آهي.

**سوال:** ڪهڙي نبي جي زماني ۾ طوفان سان پوري دنيا غرق ٿي؟

**جواب:** حضرت سيدنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي زماني ۾.



www.dawateislami.net

# انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جا معجزا



**سوال:** ڪنهن نبي چنڊ جا ٻه ٽڪر ڪيا؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

**سوال:** اها ڪهڙي آيت آهي جنهن ۾ چنڊ جي ٻه ٽڪر ٿيڻ جو ذڪر آهي؟

**جواب:** اِقۡتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انۡشَقَّ الۡقَمَرُ ﴿۱﴾ (پ 27 القمر 1)

**ترجموڪنزالايمان:** قيامت قريب اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي پيو.



**سوال:** اهي ڪهڙا نبي آهن جن جي زمين تي ڪڙيون رڳڙڻ سان زم زم جو چشمو ڦٽي پيو؟

**جواب:** حضرت سيدنا اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي زمين تي ڪڙيون هڻڻ سان زم زم جو چشمو ڦٽي پيو هو.



www.dawateislami.net



**سوال:** اهي ڪهڙا نبي آهن جنهن پٿر تي عصا هنيو تہ ٻارهن چشما ڦٽي پيا؟

**جواب:** حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پٿر تي عصا هنيو تہ 12 چشما ڦٽي پيا هئا.

**سوال:** اهي ڪهڙا نبي آهن جن جي مبارڪ آڱرين مان پاڻي جا چشما جاري ٿي ويا هئا؟

**جواب:** اهي نبي اسان جا آقا رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.



**سوال:** اهي ڪهڙا نبي آهن جن کي ڪافرن باھ ۾ وڌو تہ باھ انهن تي ٿڌي ٿي وئي؟

**جواب:** حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪافرن باھ ۾ وڌو تہ اها ان تي ٿڌي ٿي وئي.

**سوال:** اها آيت ۽ ترجمو ٻڌايو جنهن ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي باھ ٿڌي ٿيڻ جو ذڪر آهي.



www.dawateislami.net

**جواب:** قُلۡنَا يٰنَارُ كُوۡنِىۡ بَرۡدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰٓى اِبۡرٰهِيۡمَ ۙ﴿۶۹﴾ (پ 17 الانبياء 69)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اسان فرمايو اي باهہ ٿي وڃ ٿڌي ۽ سلامتي واري ابراهيم تي.

## پنجن کي پنجن کان پھريان

پيارا مدني منّو! يقيناً زندگي بيحد مختصر آهي، جيڪو وقت ملي ويو، سو ملي ويو، آئنده وقت ملڻ جي اميد ڌوڪو آهي. ڪهڙي خبر آئنده لمحي اسان موت سان هم آغوش ٿي چڪا هجون، رحمتِ عالم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا: پنجن شين کي پنجن شين کان پهرين غنيمت ڄاڻو: ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پھريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پھريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پھريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مصروفيّت کان پھريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پھريان.

(اَلْمُستَدرَڪ حديث 7916 ج 5 ص 435)



www.dawateislami.net

# آسماني ڪتاب

**سوال:** سڀ کان پهريان ڪهڙو آسماني ڪتاب نازل ٿيو؟

**جواب:** سڀ کان پهريان توريت نازل ٿيو.

**سوال:** توريت ڪهڙي رسول تي نازل ٿيو؟

**جواب:** توريت حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازل ٿيو.

**سوال:** توريت کان پوءِ ڪهڙو ڪتاب نازل ٿيو؟



**جواب:** توريت کان پوءِ زبور نازل ٿيو.

**سوال:** زبور ڪهڙي رسول تي نازل ٿيو؟

**جواب:** زبور حضرت سيدنا داوٗد عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازل ٿيو.

**سوال:** زبور کانپوءِ ڪهڙو ڪتاب نازل ٿيو؟

**جواب:** زبور کان پوءِ انجيل نازل ٿيو.

**سوال:** انجيل ڪهڙي رسول تي نازل ٿيو؟

**جواب:** انجيل حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازل ٿيو.

**سوال:** سڀ کان آخر ۾ ڪهڙو آسماني ڪتاب نازل ٿيو؟

**جواب:** سڀ کان آخر ۾ قرآن مجيد نازل ٿيو.

**سوال:** قرآن مجيد ڪهڙي رسول تي نازل ٿيو؟

**جواب:** قرآن مجيد اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نازل ٿيو.



www.dawateislami.net

# قرآن مجيد

**سوال:** قرآن مجيد جي سڀ کان پهرين آيت ڪٿي نازل ٿي؟

**جواب:** قرآن مجيد جي سڀ کان پهرين آيت **غارِ حِرا** ۾ نازل ٿي.

**سوال:** قرآن مجيد ڪهڙي زبان ۾ آهي؟

**جواب:** قرآن مجيد عربي زبان ۾ آهي.

**سوال:** قرآن مجيد ۾ سڀ کان پهريون نازل ٿيڻ وارو **لفظ** ڪهڙو آهي؟



**جواب:** اِقْـرَاْ جنهن جي معنيٰ آهي ”پڙهو“

**سوال:** قرآن مجيد ڪيتري عرصي ۾ نازل ٿيو؟

**جواب:** قرآن مجيد تقريبًا 23 سالن ۾ نازل ٿيو.[1]

**سوال:** قرآن مجيد جا ڪل ڪيترا سيپارا آهن؟

**جواب:** قرآن مجيد جا ڪل 30 سيپارا آهن.

**سوال:** قرآن مجيد ۾ ڪل ڪيتريون سورتون آهن؟

**جواب:** قرآن مجيد ۾ ڪل 114 سورتون آهن.

---

1 الجامع لاحکام القرآن سورة القدر ج 20 ص 92



www.dawateislami.net

# قرآن مجيد جي تلاوت جا آداب

**سوال:** قرآن مجيد جي تلاوت وقت کهڙي پاسي منهن ڪري ويهڻ گهرجي؟

**جواب:** قرآن مجيد جي تلاوت وقت قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهڻ گهرجي، ڇوته اهو مستحب آهي.

**سوال:** وهاڻو يا ٽيڪ لڳائي قرآن مجيد پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** وهاڻو يا ٽيڪ لڳائي قرآن پاڪ نه پڙهڻ گهرجي بلڪ سڌو ويهي خُشُوع و خُضُوع سان تلاوت ڪرڻ گهرجي.

**سوال:** ڇا قرآن مجيد ليٽي ڪري پڙهي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها! قرآن مجيد ليٽي ڪري پڙهي سگهو ٿا جڏهن ته پير سميٽيل هجن.

**سوال:** قرآن پاڪ جي تلاوت شروع ڪرڻ کان پهريان ڇا پڙهڻ گهرجي؟

**جواب:** قرآن مجيد جي تلاوت شروع کان پهريان تَعَوُّذ (يعني اَعُوْذُ بِاللّٰه شريف) ۽ تَسمِيَّہ (يعني بِسۡمِ اللّٰه شريف) پڙهڻ گهرجي.



www.dawateislami.net

**سوال:** اهي ڪهڙيون جڳهون آهن جتي قرآن پاڪ پڙهڻ ناجائز آهي؟

**جواب:** غسل خاني ۽ نجاست وارين جڳهن تي قرآن شريف پڙهڻ ناجائز آهي.

**سوال:** قرآن مجيد ڏانهن پٺي ڪرڻ يا پير ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** قرآن مجيد ڏانهن پٺي يا پير ڪرڻ ادب جي خلاف آهي، ائين نہ ڪرڻ گهرجي.

**سوال:** قرآن مجيد جي تلاوت جي دوران اوٻاسي اچي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** قرآن مجيد جي تلاوت دؤران اوٻاسي اچي تہ تلاوت موقوف (يعني بند) ڪريو ڇوتہ اوٻاسي شيطان جو اثر آهي.

**سوال:** قرآن پاڪ جي تلاوت دوران جيڪڏهن پير صاحب، عالم دين، استاد صاحب يا والدين مان ڪو اچي تہ انهن جي تعظيم جي لاءِ بيهي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها! تلاوت موقوف ڪري انهن جي تعظيم جي لاءِ بيهي سگهجي ٿو.



www.dawateislami.net

**سوال:** ڪي ماڻهو چوندا آهن ته قرآن پاڪ ڪليل هجي ته ان کي شيطان پڙهندو آهي ان جي حقيقت ڇا آهي؟

**جواب:** اها غلط ڳالهه آهي ان جي ڪا حقيقت ناهي.

**سوال:** قرآن مجيد کي جُزدان يا غِلاف ۾ رکڻ جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** قرآن مجيد کي جزدان يا غلاف ۾ رکڻ جائز آهي، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مبارڪ دور کان مسلمانن جو ان تي عمل آهي.

**سوال:** قرآن مجيد کي وڏي آواز سان پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** قرآن مجيد کي وڏي آواز سان پڙهڻ افضل آهي جيستائين آواز پهچندو اهي شيون پڙهڻ واري جي ايمان جي قيامت جي ڏينهن گواهه ٿينديون، البت ان ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ڪنهن نمازي يا بيمار ۽ سمهڻ واري کي ڪا تڪليف نہ ٿئي.

**سوال:** قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌڻ بدران ڳالهيون ڪرڻ يا هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** قرآن شريف جي تلاوت خاموشي ۽ توَجُّهه سان ٻڌڻ گهرجي ان دوران گفتگو ڪرڻ گناهه آهي.



www.dawateislami.net

**سوال:** گھڻن اسلامي ڀائرن جو قرآن خواني وغيره ۾ وڏي آواز سان قرآن شريف پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اجتماعي طور قرآن شريف کي وڏي آواز سان پڙهڻ منع آهي، اهڙي موقعي تي سيني کي آهستي آواز ۾ قرآن شريف پڙهڻ گهرجي.

**سوال:** مدرسي ۾ طالب علم وڏي آواز سان قرآن شريف پڙهن ته ان بابت ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** مدرسي ۾ طالب عالم جو وڏي آواز سان قرآن شريف پڙهڻ جائز آهي.

## علم کان بهتر ڪا شيءِ نه آهي

**الله** جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي سان گفتگو ڪري رهيا هئا ته وحي نازل ٿي: هن صحابي جي زندگي هڪ ساعت (يعني ڪلاڪ ڪن) باقي رهي آهي، اهو عصر جو وقت هو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن هن صحابي کي اها ڳالهه ٻڌائي ته انهن بيقرار ٿي التجا ڪئي: يارسول **الله** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جيڪو هن وقت منهنجي لاءِ سڀ کان بهتر هجي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”علم سکڻ ۾ مشغول ٿي وڃو“ اهي صحابي علم سکڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ مغرب کان پهريان انهن جو انتقال ٿي ويو، راوي فرمائن ٿا ته علم کان بهتر ڪا شيءِ هجي ها ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جو حڪم ارشاد فرمائن هئا. (تفسير ڪبير سورة البقرة ج 1 ص 410)



www.dawateislami.net



# صحابہ کرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان

**سوال:** عَشره مُبَشَّره مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** عشره مُبَشَّره مان مراد اهي ڏهه صحابہ کرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جن کي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني.

**سوال:** عشره مُبَشَّره ۾ ڪهڙا صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان شامل آهن؟

**جواب:** عشره مُبَشَّره[1] ۾ جيڪي صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان شامل آهن، انهن جا نالا مبارڪ هي آهن:

﴿1﴾ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿2﴾ حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿3﴾ حضرت سيدنا عثمان غني رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿4﴾ حضرت سيدنا عليّ المرتضيٰ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

---

[1] سنن ترمذي الحديث 3768، 3769، ج 5، ص 416، 417



www.dawateislami.net

﴿5﴾ حضرت سيدنا طلحہ بن عبيدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿6﴾ حضرت سيدنا زبير بن عوام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿7﴾ حضرت سيدنا عبدالرّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿8﴾ حضرت سيدنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿9﴾ حضرت سيدنا سعيد بن زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿10﴾ حضرت سيدنا ابوعُبيده بن جراح رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

**سوال:** مُؤَذِّنِ رسول ڪنهن صحابي کي چوندا آهن؟

**جواب:** مؤذنِ رسول حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي چيو ويندو آهي.

**سوال:** سيفُ الله (الله جي تلوار) ڪنهن صحابي جو لقب آهي؟

**جواب:** سيفُ الله حضرت سيدنا خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي چوندا آهن.

**سوال:** اسدُ الله (الله جا شينهن) ڪنهن صحابي کي چيو ويندو آهي؟

**جواب:** اسدُ الله حضرت سيدنا عليُّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي چوندا آهن.

**سوال:** سيِّدُ الشُّهداء ڪنهن صحابي کي چيو ويندو آهي؟

**جواب:** سيدُ الشُّهداء اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچا حضرت



www.dawateislami.net

سيدنا حمزه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي چيو ويندو آهي.

**سوال:** ڇا قرآن مجيد ۾ ڪنهن صحابي جو نالو آيو آهي؟

**جواب:** جي ها! قرآن مجيد ۾ هڪ صحابي جو نالو آيو آهي.

**سوال:** قرآن مجيد ۾ ڪهڙي صحابي جو نالو آيو آهي؟

**جواب:** حضرت سيدنا زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو قرآن مجيد جي 22 هين سيپاري ۾ سورة **احزاب** جي 37 هين آيت ۾ آيو آهي.

**سوال:** سڀ کان وڌيڪ حديثون ڪهڙي صحابي کان مروي آهن؟

**جواب:** حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهن.

**سوال:** بارگاهِ رسالت جي نعت گو شاعر صحابي جو نالو ٻڌايو؟

**جواب:** حضرت سيدنا حسان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

جس مسلماں نے دیکھا انہیں اک نظر
اس نظر کی بصارت پہ لاکھوں سلام



www.dawateislami.net



# اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام

**سوال:** ولين جا سردار ڪير آهن؟

**جواب:** تاجدار بغداد، غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النّوراني

**سوال:** ڪن ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ تَعالٰي جا نالا ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايو انهن جون مزارون ڪٿي آهن؟

**جواب:** جنّت جي 8 دروازن جي نسبت سان 8 ولين سڳورن جا نالا ۽ سندن مزارون بيان ڪجن ٿيون:

﴿1﴾ حضرت سيدنا خواجہ نظام الدين اولياء دهلوي رَحمَةُ اللهِ تَعالٰى عَلَيه سندن مزار شريف هند جي شهر ”دهلي“ ۾ آهي.

﴿2﴾ قطب مدينہ حضرت سيدنا ضياءُ الدين احمد مدني رَحمَةُ اللهِ تَعالٰى عَلَيه



www.dawateislami.net

سندن مزار شريف جنّت البَقِيع ۾ آهي.

﴿3﴾ حضرت سيدنا شمس العارفين خواجہ شمس الدين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر ”سيال شريف“ ۾ آهي.

﴿4﴾ حضرت پير سيد مهر علي شاھ گولڙوي حنفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر ”گولڙہ شريف“ ۾ آهي.

﴿5﴾ حضرت سيدنا شاھ عبداللطيف ڀٽائي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف پاڪستان جي صوبي باب الاسلام سنڌ جي شهر ”ڀٽ شاھ“ ۾ آهي.

﴿6﴾ حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف هِند جي شهر ”بريلي شريف“ ۾ آهي.

﴿7﴾ حضرت سيدنا امام بري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف پاڪستان جي گادي جي هنڌ ”اسلام آباد“ ۾ آهي.

﴿8﴾ حضرت سيدنا عبدالله شاھ غازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر ”باب المدينہ (ڪراچي)“ ۾ آهي.

**سوال:** ڇا موجوده دور ۾ بہ ڪا يادگار اسلاف شخصيت آهي؟

**جواب:** جي ها! امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه موجوده دور ۾ يادگار اسلاف آهن.



www.dawateislami.net

## ڪرامات صحابہِ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام

**سوال:** ڪرامت ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب:** الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي کان خلاف عادت ظاهر ٿيڻ واري ڳالهه کي ڪرامت چوندا آهن.

**سوال:** ڪرامت جا ڪيترا قسم آهن؟

**جواب:** علامہ تاج الدين سبڪي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب "**طبقات الشافعية الڪُبري**" ۾ اولياء ڪرام جي ڪرامتن جا هڪ سؤ کان وڌيڪ قسم لکيا آهن، انهن مان ڪجهه هي آهن:

- مُردن کي زنده ڪرڻ
- مُردن سان ڳالهائڻ
- دريائن تي تصرف
- زمين کي سميٽڻ
- نباتات سان گفتگو ڪرڻ
- بيمارين مان شفا ملڻ
- دعائن جو قبول ٿيڻ
- زمانو مختصر ۽ وڏو ٿيڻ
- جانورن جو فرمانبردار ٿيڻ
- غيب جون خبرون ڏيڻ
- دلين کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ
- بنا کائڻ پيئڻ جي زنده رهڻ

**سوال:** ڪن اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جون ڪرامتون بيان ڪريو؟

**جواب:** ﴿1﴾ حضور غوث اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم جو پکل ڪڪڙ جي هڏين کي جمع ڪري الله جي حڪم سان زنده ڪرڻ[1]

---

[1] بهجة الاسرار ص 128



www.dawateislami.net

﴿2﴾ حضرت شيخ احمد بن نصر خزاعي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو شهادت کان پوءِ قاسي گهاٽ تي قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ [1]

﴿3﴾ شيخ ابو اسحاق شيرازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بغداد ۾ ويهي ڪعبي شريف کي ڏسڻ[2]

**سوال:** ڇا صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان بہ الله عَزَّوَجَلَّ جا ولي آهن ۽ انهن کان بہ ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن؟

**جواب:** جي ها! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان افضل الاولياء آهن هنن کان بہ ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن.

**سوال:** صحابہ ڪرام جون ڪي ڪرامتون بيان ڪريو؟

**جواب:** ﴿1﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي روانہ ڪيل اسلامي لشڪر جي ڪلمهءِ طيّب جي صدائن سان قلعي ۾ زلزلو اچي ويو.[3]

۞ سندن جو جنازو کڻي سلام ڪرڻ سان روضہ رسول جي دروازي جو کلڻ.[1]

---

[1] تاريخ بغداد ج 5 ص 387

2 جامع ڪرامات الاولياء ج 1 ص 392

3 ازالة الخفا ج 3 ص 148



www.dawateislami.net

﴿2﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو قبر واري سان گفتگو ڪرڻ.[2]

۞ سندن جو مديني شريف کان سوين ميل پري نهاوند (ايران) جي جڳهه تي حضرت سيدنا ساريہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ تائين آواز پهچائڻ.[3]

۞ حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو درياء نيل جي نالي خط لکي ان کي جاري ڪرڻ.[4]

۞ سندن دعائن جو بارگاه الٰهي ۾ مقبول ٿيڻ.[5]

﴿3﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي هٿ مبارڪ مان عصا مبارڪ وٺي ڀڃڻ واري جي هٿ ۾ ڪينسر ٿيڻ.[6]

۞ سندن جو پنهنجي مدفن جي خبر ڏيڻ.[7]

۞ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي شهادت کان پوءِ غيبي آواز جو اچڻ.[8]

۞ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي تدفين جي وقت ملائڪن جو گڏ ٿيڻ[9]

---

1 التفسير الڪبير سورة الڪهف ج 7 ص 433
2 حجة الله علي العلمين ص 612
3 مشڪوٰة المصابيح الحديث 5954 ج 2 ص 401
4 حجة الله علي العلمين ص 612
5 ازالة الخفا ج 4 ص 108
6 الاصابہ في تميز صحابہ الرقم 1248 ج 1 ص 622
7 ازالة الخفا ج 4 ص 315
8 شواهد النبوة ص 209
9 شواهد النبوة ص 209



www.dawateislami.net

﴿4﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عليّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو قبر وارن کان سوال جواب ڪرڻ[1]

- پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ڪي ڪوڙو چوڻ واري جو اندو ٿيڻ[2]
- ڪير ڪٿي مرندو ۽ ڪٿي دفن ٿيندو بابت خبر ڏيڻ[3]
- سندن جي گهر ۾ ملائڪن جو جنڊ هلائڻ[4]
- پنهنجي وفات جي خبر ڏيڻ[5]
- گهوڙي تي سوار ٿيندي قرآن ڪريم کي ختم ڪرڻ[6]

## حياءُ ايمان مان آهي

رحمتِ عالم، نور مُجسَّم، شاهه بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”حياء ايمان مان آهي.“ (مُسند ابي يعليٰ حديث 7463، ج 6، ص 291)
يعني جهڙي طرح ايمان، مؤمن کي ڪُفر جي اِرتڪاب کان روڪيندو آهي، اهڙي طرح حياء، باحيا کي نافرمانين کان بچائيندو آهي. ان لاءِ مجازي طور تي انهي کي ”ايمان مان“ فرمايو ويو. جنهن جي وڌيڪ وضاحت ۽ تائيد حضرت سَيِّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي هن روايت مان ٿئي ٿي: ”بيشڪ حياء ۽ ايمان ٻئي پاڻ ۾ مليل آهن، جڏهن هڪ کڄي وڃي ته ٻيو به کڻيو ويندو آهي.“ (المستدرڪ للحاڪم حديث 66 ج 1 ص 176)

---

1 حجة الله علي العٰلمين ص 613
2 ازالة الخفا ج 4 ص 496
3 الرياض النضرة ج 2 ص 201
4 الرياض النضرة ج 2 ص 202
5 الرياض النضرة ج 2 ص 202
6 شواهد النبوة ص 212



www.dawateislami.net



# عبادات

## وضو

### وضو جو طريقو

۞ پيارا مدني منو! وضو ڪرڻ لاءِ مٿاهين جڳهه تي ڪَعبَةُ الله شريف ڏانهن منهن ڪري ويهڻ مُسّتَحب آهي.

۞ وُضو ڪرڻ کان پهريان هن طرح نيّت ڪريو تہ مان الله عَزَّوَجَلَّ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهيو آهيان.

۞ وضو ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰہِ پڙهڻ سنّت آهي.

۞ تي سگهي تہ بِسۡمِ اللّٰہِ وَالۡحَمۡدُلِلّٰہِ چئو جو جيستائين باوضو رهندا، اوهان جي اعمال نامي ۾ نيڪيون لکبيون رهبيون.

۞ هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي دفعا ڪرائين تائين ڌوئو، آڱرين جو خِلال بہ ڪريو.

۞ سنت مطابق مسواڪ شريف ڪيو.

۞ پوءِ ٽي ڀيرا گرڙيون ڪريو جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ گرڙا بہ ڪريو.

۞ پوءِ ٽي ڀيرا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو، روزو نہ هجي تہ نڪ جي آخري حصي تائين پاڻي پهچايو ۽ کاٻي هٿ جي چيچ سان نڪ بہ صاف ڪريو.

۞ پوءِ ٽي ڀيرا چهرو اهڙيءَ طرح ڌوئو، جو پيشاني جي شروع کان ڪاڏي تائين ۽ هڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين پاڻي وهي وڃي.



www.dawateislami.net

۞ پوءِ ٽي ڀيرا نونين سميت ٻئي هٿ اهڙي طرح ڌوئو جو نونين کان وٺي ننهن تائين ڪا جڳهه باقي نہ رهي،

۞ پوءِ ٻئي هٿ تر ڪري هڪ ڀيرو سڄي مٿي جو مسح ڪريو.

۞ پوءِ شهادت واري آڱر سان ڪن جي اندرئين حصي ۽ آڱوٺي سان ٻاهرئين حصي ۽ هٿن جي پٺي سان ڪنڌ جو مسح ڪريو.

۞ پوءِ ٻئي پير پيڏين سميت ڌوئو، پهريان ساڄو پوءِ کاٻو پير ڌوئو ٻنهي پيرن جي آڱرين جي وچ ۾ کاٻي هٿ جي آڱر سان خلال ڪريو.

۞ ساڄي پير جي ڇيچ کان خلال شروع ڪري کاٻي پير جي ڇيچ تي ختم ڪريو.

**نوٽ**: مدني منن ڪي وضو خاني تي وضو جي عملي تربيت ڏيو ۽ پاڻي جي اِسراف کان بچڻ جي تلقين ڪريو.

حُجّةُ اِلاسلَام حضرت سيدنا امام مُحمَّد غَزَالِي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ”هر عُضوي کي ڌوئڻ وقت اها اميد ڪندو رهي تہ منهنجي هن عضوي جا گناهہ نڪري رهيا آهن.“ (احياء العلوم ج 1 ص 183)

۞ وضو کان پوءِ اها دعا پڙهو (اول آخر درود شريف)

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِيْ مِنَ الْمُتَطَهِّرِيْنَ

**ترجمو** : اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڪثرت سان توبهہ ڪرڻ وارن ۾ ٻڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر. (احياء العلوم ج 1 ص 184)



www.dawateislami.net

## جنت جا اٺ ئي دروازا کُلي ويندا آهن

حديثِ شريف ۾ آهي: ”جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نظر کڻي ڪلمو شهادت پڙهيو ته ان جي لاءِ جنت جا اٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن جنهن مان چاهي اندر داخل ٿي وڃي.“

(السنن الڪبريٰ للنسائي حديث 9912 ج 6 ص 25)

## وضو کانپوءِ سوره ٔ قدر پڙهڻ جا فضائل

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”جيڪو وضو کان پوءِ هڪ ڀيرو سُورهءِ قدر پڙهندو ته اهو صديقن مان آهي ۽ جيڪو ٻه ڀيرا پڙهندو ته شهيدن ۾ شُمار ڪيو ويندو ۽ جيڪو ٽي ڀيرا پڙهندو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ مَحشر جي ميدان ۾ ان کي پنهنجي نبيّن سان گڏ رکندو.“ (ڪنزالعمال ج 9 ص 132 رقم الحديث 26085)

## نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي

جيڪو وضو کان پوءِ آسمان ڏانهن نظر ڪري سُورهءِ قدر پڙهندو اِن شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي نظر ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيندي. (مسائل القرآن ص 291)

## ڌوئڻ مان مراد

ڪنهن عُضوي کي ڌوئڻ جي معنىٰ اها آهي ته ان عضوي جي هر حصي تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڦُڙا پاڻي وهي وڃي، رُڳو ڀِڄي وڃڻ يا پاڻيءَ کي تيل وانگر مکڻ يا هڪ ڦڙو وهي وڃڻ کي ڌوئڻ نه چئبو ۽ اهڙيءَ طرح نه وضو ٿيندو ۽ نه ئي غسل ادا ٿيندو.



www.dawateislami.net

# اذان

**سوال:** اذان ڇا کي چئبو آهي؟



**جواب:** مسلمانن کي نماز لاءِ سڏڻ جي هڪ خاص اعلان کي ”اذان“ چئبو آهي.

**سوال:** ڇا اذان فرض آهي؟

**جواب:** جي نہ! بلڪ پنج وقت جي فرض نماز جيڪا جماعت سان گڏ مسجد ۾ ادا ڪئي وڃي ان جي لاءِ اذان سنّتِ مؤڪّده آهي

**سوال:** ڇا اذان کان پهريان درود شريف پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها! اذان کان پهريان درود شريف پڙهڻ ثواب جو ڪم آهي.

**سوال:** جڏهن اذان ٿئي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** اذان جي احترام ۾ گفتگو ۽ سيئي ڪم ڪار ڇڏي اذان جو جواب ڏيڻ گهرجي.

**سوال:** اذان جا الفاظ ڇا آهن؟



www.dawateislami.net

**جواب:** اذان جا الفاظ اهي آهن:

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ | اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ |
| اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ | اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ |
| اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ | اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ |
| حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ | حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ |
| حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ | حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ |
| اَللّٰهُ اَكْبَرُ | اَللّٰهُ اَكْبَرُ |

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

# نماز جا شرط

**سوال:** نماز جا ڪيترا شرط آهن؟

**جواب:** نماز جا ڇهه شرط آهن:

﴿1﴾ طهارت ﴿2﴾ ستر عورت ﴿3﴾ اِستِقبال قبلہ

﴿4﴾ وقت ﴿5﴾ نيت ﴿6﴾ تڪبير تحريم



www.dawateislami.net

**سوال:** طهارت مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** طهارت مان مراد نمازي جو بدن، لباس ۽ جنهن جڳهه نماز پڙهي رهيو آهي اها جڳهه هر قسم جي نجاست کان پاڪ هجي.

**سوال:** ستر عورت ڇا آهي؟

**جواب:** ستر عورت جو مطلب اهو ته مرد جو دُن جي هيٺان کان گوڏن سميت بدن جو سڄو حصو لڪائڻ ضروري آهي جڏهن ته اسلامي ڀيڻ جي هن پنج عضون يعني منهن جي ٽڪلي، ٻئي هٿن جو ترين ۽ ٻنهي پيرن جي ترين جي علاوه سمورو جسم لڪائڻ فرض آهي.

**سوال:** اِستِقبالِ قبله ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب:** نماز ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ کي استقبال قبله چئبو آهي.

**سوال:** وقت مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ان مان مراد جيڪا نماز پڙهڻي آهي ان جو وقت هئڻ ضروري آهي.

**سوال:** نيّت ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب:** نيّت دل جي پڪي ارادي جو نالو آهي، زبان سان نيّت ڪرڻ ضروري ناهي البت دل ۾ نيّت هجي ته زبان سان چوڻ بهتر آهي.

**سوال:** تڪبير تحريمه مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** نماز شروع ڪرڻ جي لاءِ تڪبير تحريمه يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوڻ کي تڪبير تحريمه چوندا آهن.



www.dawateislami.net

# نماز جا فرض

**سوال:** نماز ۾ ڪيترا فرض آهن؟

**جواب:** نماز ۾ ست فرض آهن.

﴿1﴾ تڪبير تحريمه ﴿2﴾ قيام ﴿3﴾ قِراءت ﴿4﴾ رڪوع

﴿5﴾ سجدو ﴿6﴾ قعده اخيره ﴿7﴾ خُرُوج بِصُنعِهٖ

**سوال:** تڪبير اوليٰ مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** تڪبير تحريمه کي تڪبير اوليٰ پڻ چيو ويندو آهي اها نماز جي شرطن مان آخري شرط آهي ۽ فرض مان پهريون فرض آهي ۽ ان مان مراد نماز شروع ڪرڻ جي لاءِ تڪبير يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوڻ آهي.

**سوال:** قيام ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب:** تڪبير تحريمه کان پوءِ سڌو بيهڻ کي قيام چيو ويندو آهي، قيام ايتري دير تائين آهي جيتري دير تائين قراءت آهي.

**سوال:** قراءت مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** قراءت جو مطلب سڀئي اکر مَخارج سان ادا ڪيا وڃن، اهو ضروري آهي ته ايتري آواز سان پڙهي جو پاڻ ٻڌي وٺي.



www.dawateislami.net

**سوال:** رُڪوع مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** قراءت ڪان پوءِ ايترو جهڪڻ جو هٿ وڃائي تہ گوڏن تائين پهچي وڃن ۽ اهو رڪوع جو ادنيٰ درجو آهي ۽ مرد جي لاءِ مڪمل پٺي سڌي ڪرڻ رڪوع جو ڪامل درجو آهي.

**سوال:** سجدي مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** رڪوع ڪان پوءِ ست هڏين يعني ٻنهي هٿن، ٻنهي پيرن، ٻنهي گوڏن ۽ نڪ جي هڏي کي زمين تي لڳائڻ کي سجدو چئبو آهي، سجدي ۾ پيشاني اهڙي طرح ڄمايو جو زمين جي سختي محسوس ٿئي، هر رڪعت ۾ ٻہ ڀيرا سجدو فرض آهي.

**سوال:** قعده اخيره مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** نماز جون رڪعتون پوريون ڪرڻ ڪان پوءِ ايتري دير تائين ويهڻ جو پوري تشهد (يعني پوري اَلتَّحِيَّات عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ تائين پڙهڻ کي قعده اخيره چيو ويندو آهي ۽ اهو بہ فرض آهي.

**سوال:** خُرُوج بِصنعہ ڇا آهي؟

**جواب:** قعده اخيره ڪان پوءِ سلام ڦيري نماز ختم ڪرڻ.



www.dawateislami.net

# نماز جو طريقو

## نماز جو طريقو

۞ باوضو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺي هٿ ڪنن تائين کڻي وڃو.

۞ جڏهن هٿ کڻو ته آڱريون نه مليل هجن نه ڳهٽيون کليل هجن ۽ ترين قبلي ڏانهن هجن.

۞ پوءِ جيڪا نماز پڙهي رهيا آهيو زبان سان ان جي نيّت ڪريو.

۞ پوءِ تڪبير اوليٰ يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوندي هٿ دن هينان ٻڌو.

۞ هاڻي ثنا پڙهو:

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ

وَتَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ ط

۞ پوءِ تَعَوُّذ يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط

۞ پوءِ تَسمِيه يعني بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط



www.dawateislami.net

۞ مڪمل سورة فاتحہ پڙهو يعني:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۱ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝۲ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝۳
اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝۴ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝۵ صِرَاطَ
الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ۝۷

۞ سورة فاتحہ پڙهڻ کان پوءِ آهستي آمين چئو ان کان پوءِ ٽي ننڍيون يا ڪا هڪ وڏي آيت جيڪا ٽن آيتن جي برابر هجي يا ڪا بہ سورة پڙهو مثلاً سوره اخلاص يعني:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝۲ لَمْ يَلِدْ ۙ
وَلَمْ يُوْلَدْ ۝۳ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝۴

۞ هاڻي اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي رڪوع ڪيو ۽ رڪوع جي تسبيح يعني سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ ٽي ڀيرا يا پنج ڀيرا پڙهو.

۞ پوءِ تسميع يعني سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ چوندي بلڪل سڌا بيهي رهو، ان بيهڻ کي قومہ چيو ويندو آهي.

۞ جيڪڏهن اڪيلا نماز پڙهي رهيا آهيو تہ اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ بہ پڙهو.



www.dawateislami.net

۞ پوءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي سجدي ۾ وڃو ۽ پيرن جي ڏهن ئي آڱرين جو رخ قبلي ڏانهن ڪيو پوءِ سجدي جي تسبِيح يعني سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى ٽي يا پنج ڀيرا پڙهو.

۞ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ کي جلسو چيو ويندو آهي، ان دوران سُبْحٰنَ اللّٰه چوڻ جي برابر ترسو پوءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي ٻيو سجدو ڪريو.

اها هڪ رڪعت پوري ٿي، ان طرح ٻي رڪعت بہ ادا ڪريو.

۞ ٻن رڪعتن کان پوءِ التحيات پڙهڻ جي لاءِ ويهڻ کي قعدو چئبو آهي.

۞ قعدي ۾ هاڻي تَشَهُّد پڙهو يعني:

۞ اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبٰتُ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

۞ جڏهن تشهد ۾ لفظ ”لا“ جي ويجهو پهچو تہ ساڄي هٿ جي وچين آڱر ۽ آڱوٺي سان حلقو ٺاهي ننڍي آڱر ۽ ان جي برابر واري آڱر کي ترِي سان ملائي ڇڏيو.

۞ پوءِ لفظ ”لا“ چوندي ڪلمي واري آڱر کڻو ۽ لفظ ”اِلَّا“ تي هيٺ ڪري سيئي آڱريون سڌيون ڪريو.

۞ جيڪڏهن وڌيڪ رڪعتون پڙهي رهيا آهيو تہ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي ٻيهر بيهي رهو.



www.dawateislami.net

۞ جيڪڏهن فرض نماز پڙهي رهيا آهيو ته ٽين ۽ چوٿين رڪعت جي قيام ۾ بِسمِ اللّٰه ۽ الحمد شريف به پڙهو پر سورت نه ملايو.

۞ سيئي رڪعتون پوريون ڪري ويهڻ ڪي قعده اخيره چيو ويندو آهي.

۞ قعده اخيره ۾ التحيات ڪان پوءِ درود ابراهيمي پڙهو يعني:

۞ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۝ اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ۝

۞ پوءِ ڪا دعاءِ ماثوره پڙهو مثلاً:

۞ اَللّٰهُمَّ رَبِّ اجْعَلْنِىْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِىْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ۝ رَبَّنَا اغْفِرْلِىْ وَلِوَالِدَىَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ۝

۞ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ۝

۞ ان ڪان پوءِ نماز ختم ڪرڻ لاءِ ساڄي ڪلهي ڏانهن منهن ڪري اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ چئو پوءِ کابي ڪلهي ڏانهن منهن ڪري اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ چوندي سلام ڦيريو.



www.dawateislami.net



# نعت شریف



## مدنی مدینے والے[1]

مجھے در پہ پھر بلانا مدنی مدینے والے — مئے عشق بھی پلانا مدنی مدینے والے
مری آنکھ میں سمانا مدنی مدینے والے — بنے دل ترا ٹھکانہ مدنی مدینے والے
تری جبکہ دید ہوگی جبھی میری عید ہوگی — مرے خواب میں تو آنا مدنی مدینے والے
مجھے غم ستا رہے ہیں مری جان کھا رہے ہیں — تمہیں حوصلہ بڑھانا مدنی مدینے والے
میں اگرچہ ہوں کمینہ ترا ہوں شہ مدینہ — مجھے قدموں سے لگانا مدنی مدینے والے
ترا تجھ سے ہوں سوالی شہا پھیر نہ خالی — مجھے اپنا تو بنانا مدنی مدینے والے
یہ مریض مر رہا ہے ترے ہاتھ میں شفا ہے — اے طبیب! جلد آنا مدنی مدینے والے
تو ہی انبیا کا سرور تو ہی دو جہاں کا یاوَر — تو ہی رہبرِ زمانہ مدنی مدینے والے
تو خدا کے بعد بہتر ہے سبھی سے میرے سروَر — ترا ہاشمی گھرانہ مدنی مدینے والے
تری فرش پر حکومت تری عرش پر حکومت — تو شہنشہِ زمانہ مدنی مدینے والے
یہ کرم بڑا کرم ہے ترے ہاتھ میں بھرم ہے — سرِ حشر بخشوانا مدنی مدینے والے
شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں — تری سنّتیں سکھانا مدنی مدینے والے
مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ — انہیں خُلد میں بسانا مدنی مدینے والے
ترے غم میں کاش! عطّار رہے ہر گھڑی گرفتار — غمِ مال سے بچانا مدنی مدینے والے

[1] وسائل بخشش ص 283 تا 288 ملتقطاً



www.dawateislami.net

# مدني گل

## هٿ ملائڻ جا مدني گل



۞ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي . (الدرالمختار ج 9 ص 629)

۞ موڪلائڻ وقت بہ سلام ڪريو ۽ هٿ بہ ملائي سگهو ٿا.

۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملندا ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناه بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعليٰ حديث 2951 ج 3 ص 95)

۞ هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهي سگهو ٿا، تي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: ”يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُم“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ)

۞ بہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي.



www.dawateislami.net

﴿ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي.

(الموطا للامام مالک الحديث 1731 ج 2 ص 407)

﴿ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان مصافحو ڪري ۽ ڪنهن جي دل ۾ ٻئي جي لاءِ عداوت نہ هجي تہ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان الله تعاليٰ ٻنهي جا پويان گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهہ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال ج 9 ص 57 حديث 25358)

﴿ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا.

(ردالمحتار ج 9، ص 628)

﴿ ٻنهي طرفان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي. (ردالمحتار ج 9، ص 629)

﴿ ڪجهہ ماڻهو صرف آڱريون پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن، اهو بہ سنّت نہ آهي. (ردالمحتار ج 9، ص 629)

﴿ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي.

(تبيين الحقائق ج 7 ص 56)

﴿ مصافحو ڪرڻ وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره رڪاوٽ نہ هجي، ٻئي تِريون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.

(ردالمحتار ج 9، ص 629)



www.dawateislami.net

# ننهن ڪٽڻ بابت مدني گل



۞ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي. ها! جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو. (بهار شريعت حصو 16 ص 225)

۞ صدرالشَّريعه، بدرالطريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: منقول آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن ڪي ٻئي جمعي تائين بلائن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهن ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناه ڇڻندا.

(بهار شريعت حصو 16 ص 226)

۞ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، پوءِ کاٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي.

۞ پيرن جا ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن



www.dawateislami.net

ڪٽيو پوءِ ڪابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (بهار شريعت حصو 16 ص 226، 227)

﴿ ڏند سان ننهن ڪترڻ مڪروه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 227)

﴿ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيا تہ بہ حرج ناهي.

﴿ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروه آهي، ڇو تہ ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. (بهار شريعت حصو 16 ص 231)

﴿ اربع جي ڏينهن ننهن نہ ڪٽڻ گهرجن جو ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البتہ جيڪڏهن اوڻٽاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب آهي تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي، ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي. (فتاوىٰ رضويہ ج 22 ص 685)

## صبر ۽ تحمل جي اعلىٰ مثال

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا: ڪنهن شخص امير المُؤمِنين حضرت سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان سخت لهجي ۾ ڳالهايو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: ”ڇا توهان هي چاهيو ٿا تہ مون کي غصو اچي ۽ شيطان مون کي تڪبُّر ۽ حڪومت جي غُرور ۾ مبتلا ڪري ۽ مان توهان تي ظلم ڪريان ۽ قيامت جي ڏينهن توهان مون کان ان جو بدلو وٺو، اهو مون کان هرگز نہ ٿيندو.“ اهو فرمائي خاموش ٿي ويا. (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 597)



www.dawateislami.net

# گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا مدني گل

- گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان اها دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ وَلَجْنَا بِسْمِ اللّٰهِ خَرَجْنَا وَعَلٰى رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا

(سنن ابي داوٗد ج 4، ص 420 حديث 5096)

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار الله عَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو.



- نگاهون جهڪائي گهر ۾ داخل ٿيو.
- پهريان ساڄو پير رکو.
- گهر ۾ داخل ٿيو ته پهريان سلام ڪريو.
- گهر مان ٻاهر وڃو ته به سلام ڪريو.
- گهران ٻاهر نڪرڻ مهل پهريان کاٻو پير ٻاهر ڪڍو.
- جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ط

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان (مان نڪران ٿو ۽) مون الله تي ڀروسو ڪيو، گناهه کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت الله جي طرفان ئي آهي.

(سنن ابن داوٗد، ج 4 ص 420 حديث 5095)



www.dawateislami.net

# جتي پائڻ جا مدني گل

- جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي ونو.
- پوءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهي پايو.
- پهريان ساڄي پوءِ کاٻي پير ۾ جوتو پايو.
- جوتو پهريان کاٻي پير مان پوءِ ساڄي پير مان لاهيو.
- هڪ جوتو پائي نہ هلو، ٻئي پايو يا ٻئي لاهي ڇڏيو.
- ويهو تہ جتي لاهي ڇڏيو.

# لباس پائڻ جا مدني گل



- سفيد لباس هر لباس کان بهتر آهي.
- پاجامو پيهڏين کان مٿي رکو.
- ڪپڙا پائيندي وقت ساڄي پاسي کان شروع ڪريو.
- پهريان ڪرتي جي ساڄي آستين ۾ هٿ داخل ڪريو پوءِ کاٻي آستين ۾.
- اهڙي طرح پهريان پاجامي جي ساڄي پائنچي ۾ ساڄو پير داخل ڪريو پوءِ کاٻي پائنچي ۾ کاٻو.
- ڪپڙن کي لاهڻ مهل کاٻي پاسي کان شروع ڪريو.



www.dawateislami.net

# سرمو پائڻ جا مدني گل

## اثمد جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمو پائڻ بابت 4 مدني گل

﴾ تمام سرمن کان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو.

(سنن ترمذي حديث 1763 ج 3 ص 293)



﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي نيّت) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت مقصود نه هجي ته ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359)

﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي.

(عالمگيري ج 5 ص 294)

﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي:

(1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کابي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (سنتين اور آداب ص 58)



www.dawateislami.net

# تيل لڳائڻ جا مدني گل



- متي ۾ تيل لڳائڻ کان پهرين بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهو.
- شيشي ساڄي هٿ ۾ کڻي، کاٻي هٿ تي تيل لاهيو.
- ساڄي هٿ جي آڱر سان ساڄي ۽ پوءِ کاٻي ڀرون تي تيل لڳايو.
- ان کان پوءِ ساڄي ۽ پوءِ کاٻي پنبڻي تي.
- پوءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي متي تي تيل لڳايو.

# ڦڻي ڏيڻ بابت مدني گل



- پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهو.
- ساڄي پاسي کان ڦڻي ڏيڻ سنت آهي. (الشمائل المحمدية للترمذي حديث 33 ص 40)
- پهريان ساڄي پاسي ڀرون تي پوءِ کاٻي ڀرون تي ڦڻي ڏيو.
- پوءِ متي ۾ ساڄي پاسي کان ڦڻي ڏيو پوءِ کاٻي پاسي کان.



www.dawateislami.net

# بيت الخلاءِ اچڻ وڃڻ بابت مدني گل

بيت الخلا ۾ پهريان کاٻو پير رکو. (ردالمحتار ج 1 ص 615)

جيستائين ويهڻ جي ويجهو نہ ٿيو ڪپڙو جسم کان نہ هٽايو ۽ نہ ضرورت کان وڌيڪ کوليو. (ردالمحتار ج 1 ص 615)

بيهي ڪري پيشاب نہ ڪريو ائين ڪرڻ مڪروه آهي. (عالمگيري ج 1 ص 50)

جنهن جڳهہ وضو ۽ غسل ڪيو ويندو آهي اتي پيشاب ڪرڻ مڪروه آهي، ان سان وسوسا پڻ ايندا آهن.

(سنن ابي داؤد الحديث 27، ج 1، ص 44، الدرالمختار و ردالمحتار ج 1 ص 613)

کير پياڪ ٻار جو پيشاب ائين ئي ناپاڪ آهي جيئن وڏن جو ناپاڪ هوندو آهي. (فتاويٰ هنديہ ج 1 ص 46)

ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ مڪروه آهي. (فتاويٰ هنديہ ج 1 ص 50)

ڪاغذ سان استنجا ڪرڻ منع آهي جيتوڻيڪ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکيل هجي. (بهار شريعت ج 1 ص 611)



www.dawateislami.net



# مسجد جا آداب

پيارا مدني منو! مسجد الله عَزَّوَجَلَّ جو گهر آهي، ان جي تعظيم ڪرڻ اسان سڀني تي لازم آهي.

- جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو ته لباس، منهن ۽ بدن پاڪ و صاف ۽ خوشبودار هجي.
- مسجد ۾ بدبودار لباس، بدن يا وات يا ڪنهن قسم جي بدبودار شيء کڻي وڃڻ حرام آهي ڇوته بدبودار شين سان ملائڪن کي تڪليف ٿيندي آهي.
- جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو.
- جيستائين مسجد ۾ رهندؤ ڪجهه پڙهو يا نه پڙهو ثواب ملندو رهندو
- مسجد ۾ بنا اعتڪاف جي نيّت جي کائڻ پيئڻ سمهڻ سحري افطاري منع آهي.



www.dawateislami.net

﴾ مسجد ۾ ڪلڻ قبر ۾ اونداهي جو سبب آهي. (ملفوظات اعليٰ حضرت ص 323)
ضرورتاً مُرڪڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

﴾ مسجد ۾ مباح گفتگو ڪرڻ مڪروه ۽ نيڪين کي چٽ ڪري ٿي.

(فتح القدير ج 1 ص 369)

﴾ مسجد ۾ گند ڪچرو هرگز نہ اڇلايو، مسجد ۾ معمولي ڪک يا ذرو اڇلايو وجي تہ ان سان مسجد کي ايتري تڪليف ٿيندي آهي جيتري قدر انسان جي اک ۾ معمولي ڪک پوڻ سان ٿيندي آهي.

﴾ جتي لاهي مسجد ۾ ڪٽي وڃڻ چاهيو تہ مٽي وغيره چڱي طرح صاف ڪري وٺو، اهڙي طرح پيرن ۾ مٽي لڳي هجي تہ رومال سان صاف ڪريو. (جذب القلوب ص 257)

﴾ مسجد ۾ ڊوڙڻ يا ايترو زور سان پير رکڻ جو پير جي ڌمڪ پيدا ٿئي منع آهي. (ملفوظات اعليٰ حضرت ص 318)

پيارا مدني منو! مسجد جي آداب جو خيال رکندي فضول گفتگو ۽ مذاق مسخري کان بچو ۽ پنهنجي نيڪين کي بہ برباد ٿيڻ کان بچايو ڇوتہ دنيا جي جائز ڳالهہ بہ نيڪين کي چٽ ڪري ڇڏيندي آهي.



www.dawateislami.net

# مرشد جا آداب

## فتاويٰ رضويه شريف مان (آداب مرشد كامل) جي ٻارهن اكرن جي نسبت سان 12 آداب




- مرشد جا حق پيءُ جي حقن کان وڌيڪ آهن.
- پيءُ مٽيءَ جي جسم جو پيءُ آهي ۽ مرشد روح جو پيءُ.
- مرشد جي مرضيءَ جي خلاف ڪو ڪم ڪرڻ مريد لاءِ جائز ناهي.

مرشد جا آداب

- ان جي سامهون کلڻ منع آهي.
- ان جي بغير اجازت جي ڳالهائڻ منع آهي.
- ان جي مجلس ۾ ٻئي طرف متوجهه ٿيڻ منع آهي.
- سندن غيرموجودگي ۾ ان جي ويهڻ جي جڳهه تي ويهڻ منع آهي.
- ان جي اولاد جي تعظيم فرض آهي.
- ان جي ڪپڙن جي تعظيم فرض آهي.
- ان جي بستري جي تعظيم فرض آهي.
- ان جي چانئٺ جي تعظيم فرض آهي.
- ان کان پنهنجو ڪو حال لڪائڻ جي اجازت ناهي.

(فتاويٰ رضويه شريف ج 26 ص 563)



www.dawateislami.net

# والدين جو ادب و احترام



**سوال:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ والدين سان ڪهڙي طرح جي سلوڪ جو حڪم فرمايو آهي؟

**جواب:** اللّٰه عَزَّوَجَلَّ والدين سان ڀلائي جو حڪم فرمايو آهي. سورةُ العنڪبوت ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ (پ 20 العنڪبوت 8)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان انسان کي تاڪيد ڪيو پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي جو.

**سوال:** حديث پاڪ جي روشني ۾ والدين جي ادب و احترام جي فضيلت ٻڌايو؟

**جواب:** رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو نيڪ اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن محبت ڀري نظر ڪري ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نظر جي بدلي هڪ مقبول حج جو ثواب لکندو آهي.

(مشڪوٰة المصابيح حديث 4944 ج 2 ص 209)

**سوال:** ماءُ پيءُ جي لاءِ ڪهڙيون دعائون ڪرڻ گهرجن؟



www.dawateislami.net

**جواب:** ماءُ پيءُ جي لاءِ اها دعا ڪرڻ گھرجي:

رَّبِّ ارۡحَمۡهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِىۡ صَغِيۡرًا ﴿٢٤﴾ (پ 15 بني اسرائيل 24)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا ربّ تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن جو انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

**سوال:** ماءُ پيءُ سان ڪهڙي طرح گفتگو ڪرڻ گھرجي؟

**جواب:** ماءُ پيءُ سان گفتگو ڪرڻ وقت آواز آهستي ۽ نگاهه هيٺ رکڻ گھرجي انهن جي موجودگي ۾ وڏي آواز سان گفتگو نہ ڪرڻ گھرجي.

**سوال:** اسان کي ماءُ پيءُ جو ڪيئن خيال رکڻ گھرجي؟

**جواب:** ماءُ پيءُ سڏين تہ هڪدم جواب ڏيڻ گھرجي انهن جي ڳالهہ تَوَجُّهہ سان ٻڌڻ گھرجي، جنهن ڳالهہ جو حڪم ڏين ان تي عمل ڪرڻ گھرجي ۽ جنهن شيءِ کان منع ڪن ان کان پاسو ڪجي.

**سوال:** ماءُ پيءُ جا اسان تي ڪهڙا احسان آهن؟

**جواب:** ماءُ پيءُ جا اسان تي بيشمار احسان آهن اهي اسان جي کائڻ، پيئڻ، لباس، تعليم، صحت ۽ ٻين ضرورتن جو خيال رکندا آهن، ان ڪري اسان کي بہ انهن جو خوب احترام ڪرڻ گھرجي.



www.dawateislami.net

# استاد جو ادب واحترام

طالب علم جو استاد سان نهايت مقدّس رشتو هوندو آهي، ان ڪري طالب علم کي گهرجي تہ استاد کي پنهنجي حق ۾ حقيقي والد کان وڌيڪ خاص سمجهي ڇوتہ والدين ان کي دنيا جي باھ ۽ مصيبتن کان بچائيندا آهن جڏهن تہ استاد ان کي دوزخ جي باھ ۽ آخرت جي مصيبتن کان بچائيندا آهن.

۞ جيتوڻيڪ ڪنهن استاد کان هڪ اکر پڙهيو هجي ان جي بہ تعظيم ڪريو. حديث شريف ۾ آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن انسان کي هڪ آيت پڙهائي اهو ان جو آقا آهي.

(المعجم الڪبير حديث 7528 ج 8 ص 112)

۞ استاد جي غير موجودگي ۾ بہ ان جو ادب ڪريو، ان جي جڳهہ تي نہ ويهو.

۞ هلڻ مهل ان جي اڳيان کان نہ گذرو.

۞ استاد سان ڪوڙ ڳالهائڻ محرومي جو سبب آهي، ان ڪري استاد سان هميشہ سچ ڳالهايو.

۞ ان سان نگاھ نہ ملايو، بلڪ نگاهون جهڪائي رکو.



www.dawateislami.net

﴾ اهڙي طرح هر نماز کان پوءِ پنهنجي استادن ۽ والدين جي لاءِ سدائين دعا ڪندا رهو.

﴾ اوهان جتي پڙهو ٿا، ان مدرسي جا ٻيا استاد جيڪي اوهان کي جيتوڻيڪ نٿا پڙهائن انهن جو بہ ادب لازمي آهي.

﴾ استاد جي ناشڪري کان بچو ڇوتہ اها هڪ بري مصيبت ۽ موذي بيماري آهي ۽ علم جي برڪتن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪيو ان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا نہ ڪيو.

(سنن ترمذي حديث 1962 ج 3 ص 384)

﴾ درجي مان ٻاهر اچڻ وڃڻ مهل استاد کان اجازت وٺڻ ضروري آهي.

﴾ استاد صاحب اوهان کي جيڪو جدول ناهي ڏين ان تي مدرسي ۽ گهر ۾ عمل ڪري، وقت تي پنهنجو سبق ٻڌائي استاد صاحب جون دلي دعائون حاصل ڪريو.

﴾ استاد جي سختي کي پنهنجي لاءِ رحمت جو سبب سمجهو. مشهور قول آهي: جيڪو استاد جون سختيون برداشت نٿو ڪري ان کي زماني جون سختيون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن.



www.dawateislami.net

# چڱا ۽ برا ڪم

## ڪوڙ جو بيان

### ڪوڙ ڇا کي چئبو آهي؟

خلافِ واقعه ڳالهه ڪرڻ کي ”ڪوڙ“ چئبو آهي. (حديقه نديه ج 2 ص 200)

اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ ايترو تہ عام ٿي چڪو آهي جو هاڻي ان کي معاذالله برائي تصور ئي نٿو ڪيو وڃي. اهڙين حالتن ۾ ٻارن جو ڪوڙ کان بچڻ نهايت مشڪل آهي. اسان کي گهرجي پنهنجي ٻارن جي ذهن ۾ نديپڻ کان ڪوڙ جي خلاف نفرت پيدا ڪيون تہ جيئن اهو وڏو ٿي هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ جي عادت کي اپنائي رکي.

### ڪوڙ جي سزا

الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ ملائڪ ان جي بدبو سان هڪ ميل پري ٿي ويندا آهن. (سنن ترمذي ج 3 ص 392)

پيارا مدني منو! ڏٺو اوهان ڪوڙ جي نحوست ڪيڏي بري آهي، اهڙي طرح ڪوڙ جا نقصان پڻ گهڻا آهن.

مروي آهي حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سفر تي وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ شخص مليو جنهن عرض ڪيو: اي الله جا نبي!


www.dawateislami.net

مان توهان جي صحبت ۾ رهي ڪري خدمت ڪرڻ ۽ شريعت جو علم حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو، مون کي به پاڻ سان گڏ سفر جي اجازت عطا فرمايو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڪيس اجازت ڏئي ڇڏيائون، اهڙي طرح ٻئي گڏجي سفر تي روانا ٿيا، هلندي هلندي جڏهن ٻئي ڄڻا هڪ نهر جي ڪناري تي پهتا ته پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون: ”اچو! ماني کائون“ ٻئي ماني کائڻ لڳا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ ٽي مانيون هيون، جڏهن هڪ هڪ ماني ٻئي کائي چُڪا ته پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام نهر مان پاڻي پيئڻ لڳا، ته پنيان ان شخص ٽين ماني لِڪائي ڇڏي، جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پاڻي پي واپس آيا ته ماني نه ڏسي پُڇيائون: ”ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟“ ان ڪوڙ ڳالهائيندي چيو ته مون کي خبر ناهي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام خاموش رهيا. پوءِ ٿوري دير بعد فرمايائون: ”اچو اڳتي هلون.“

پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام سفر دوران رستي ۾ هڪ هرڻي کي ڏٺائون جنهن سان گڏ ٻه خوبصورت ٻچا هئا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هرڻيءَ جي هڪ ٻچي کي پاڻ وٽ سڏ ڪيو، اهو سندن حڪم جي تعميل ڪندي هڪدم خدمت ۾ حاضر ٿي ويو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان کي ذبح ڪيو (گوشت کي) پُچيائون ۽ ٻنهي گڏجي کاڌو، گوشت کائڻ کان بعد پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هڏين کي جمع ڪيو ۽ فرمايائون: ”قُمْ بِـاِذْنِ اللّٰه“ يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ٿيءُ. يڪدم هرڻي جو ٻچو زنده ٿي پنهنجي ماءُ سان گڏ هليو ويو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان شخص کي فرمايائون: توکي ان الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن مون کي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻُڌاءِ، اها ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان چيو ”مونکي خبر ناهي“ فرمايائون اچو اڳتي هلون.



www.dawateislami.net

هلندي هلندي درياهه تي پهتا تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻيءَ جي مٿان هلندي درياهه جي ٻئي پاسي پهچي ويا. پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي فرمايو: تو کي ان خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن مون کي هي معجزو ڏيکارڻ جي قدرت عطا ڪئي، سچ ٻڌاءِ، اها ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان چيو: مون کي خبر ناهي، فرمايائون: ”اچو اڳتي هلون“.

هلندي هلندي ريگستان ۾ وڃي پهتا، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام واريءَ جو هڪ ڍير ٺاهيو ۽ فرمايائون: اي واريءَ جا ڍير! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان سون ٺهجي وڃ! اهو هڪدم سون ٺهجي ويو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان جا ٽي حصا ڪيا، پوءِ فرمايائون: ”هي هڪ حصو منهنجو آهي ۽ هڪ حصو توهان جو ۽ هڪ ان جو جنهن اها ٽين ماني کنئي“ اهو ٻڌندي ئي ان شخص هڪدم چيو: ”يا روح **الله**! اها ٽين ماني مون ئي کنئي هئي“ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ”هي سڄو سون تون ئي کڻ“ بس! اسان جو ايترو ئي ساٿ هو.

ائين چوڻ کان پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي ڇڏي اڳتي روانا ٿي ويا، اهو شخص ايترو وڏيک سون ملڻ تي ڏاڍو خوش هو، جڏهن سمورو سون چادر ۾ ويڙهي واپس گهر موٽڻ لڳو تہ رستي ۾ ان کي ٻہ شخص مليا، جن ان وٽ ايترو سون ڏسي ان کي قتل ڪري سمورو سون کسڻ جو ارادو ڪيو، جڏهن اهي قتل ڪرڻ لاءِ وڌيا تہ اهو شخص جان بچائڻ خاطر چوڻ لڳو: توهان مون کي ڇو ٿا قتل ڪريو جيڪڏهن اوهان کي سون گهرجي تہ اسان انهيءَ جا ٽي حصا ڪري، هڪ هڪ حصو ورهائي کڻون ٿا، اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو: ”بهتر هي آهي تہ


www.dawateislami.net

اسان مان هڪ ڇٽو ٿورو سون کڻي ويجهو واري شهر ۾ وڃي، کاڌو وٺي اچي ته جيئن کائي پي ڪري سون ورهايون.“

پوءِ انهن مان هڪ شخص شهر ويو، کاڌو خريد ڪري واپس موٽڻ لڳو ته ان سوچيو بهتر هي آهي ته کاڌي ۾ زهر ملائي ڇڏيان ته جيئن اهي ٻئي کائي مري وڃن ۽ سڄو سون مان ئي کڻي ڇڏيان، اهو سوچي ان زهر خريد ڪري کاڌي ۾ ملائي ڇڏيو. هوڏانهن انهن ٻنهي سازش ڪئي ته جيئن ئي هو کاڌو وٺي ايندو ته اسان ٻئي گڏجي ان کي قتل ڪري، سڄو سون اڌو اڌ ڪري ورهائي کڻنداسين، پوءِ جڏهن اهو شخص کاڌو وٺي آيو ته ٻنهي انهيءَ تي اوچتو حملو ڪيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيائون، ان کان پوءِ خوش ٿي کاڌو کائڻ لاءِ وينا ته زهر پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ اهي ٻئي به تڙپي تڙپي مري ويا ۽ سون ان ئي جاءِ تي پيل رهجي ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن حضرت سيّدُنا عيسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو اتان گذر ٿيو، ڏنائون ته سون اتي پيو آهي ۽ ان سان گڏ ٽي لاش به پيا آهن ته اهو ڏسي پاڻ سان گڏ موجود ماڻهن کي فرمايائون: ”ڏسي وٺو دنيا جو اهو حال آهي، ان ڪري توهان تي لازم آهي ته ان کان بچندا رهو.“

(اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 835)

پيارا مدني منو! ڏٺو اوهان! ان شخص کي ڪوڙ ۽ دنياوي مال جي محبت برباد ڪري ڇڏيو ۽ ان کي نه دولت ملي، نه ئي ڪوڙ مان ڪو فائدو ٿيو، بلڪ جان به وئي ۽ گڏوگڏ دنيا و آخرت جو نقصان به ٿيو.



www.dawateislami.net

نہ مجھ کو آزما دنیا کا مال و زر عطا کر کے
عطا کر اپنا غم اور چشم گریاں یارسول اللہ

## ڪوڙ جا وڏيڪ نقصان ملاحظہ فرمايو:

حضرت سيدنا بڪر بن عبدالله رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالیٰ عَلَيۡه کان مروي آهي: هڪ شخص جي اها عادت هوندي هئي تہ اهو بادشاهن جي درٻارن ۾ ويندو هو ۽ انهن وٽ وڃي عمده گفتگو ڪندو هو، بادشاهہ خوش ٿي ان ڪي انعام و اڪرام سان نوازي ان جي خوب حوصلہ افزائي ڪندا هئا.

هڪ ڀيري اهو ڪنهن بادشاهہ جي درٻار ۾ ويو ۽ ان اجازت چاهي تہ مان ڪجهہ ڳالهيون عرض ڪرڻ چاهيان ٿو بادشاهہ اجازت ڏني ۽ ان ڪي پنهنجي سامهون ڪرسي تي ويهاري چيو: چئو ڇا ٿو چوڻ چاهين، ان شخص چيو: "**احسان ڪرڻ واري سان احسان ڪر ۽ جيڪو برائي ڪندو ان جي برائي جو بدلو ان ڪي پاڻهين ئي ملي ويندو.**" بادشاهہ ان جي اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ان ڪي انعام و اڪرام سان نوازيائين. اهو ڏسي بادشاهہ جي هڪ درٻاري ڪي اُن شخص سان حسد ٿي ويو ۽ دل ۾ سڙڻ لڳو تہ ان عام شخص ڪي ايتري عزت ۽ ايترو مقام ڇا جي لاءِ مليو. آخرڪار اهو حسد جي بيماري کان مجبور ٿي، بادشاهہ وٽ ويو ۽ وڏي خوشامدي واري انداز ۾ ڪوڙ ڳالهائيندي چوڻ لڳو: بادشاهہ سلامت! هينئر جيڪو شخص اوهان جي سامهون گفتگو ڪري ويو آهي جيتوڻيڪ ان جون ڳالهيون سٺيون آهن پر اهو اوهان سان نفرت ڪندو آهي ۽ چوندو آهي تہ بادشاهہ



www.dawateislami.net

كي وات ۾ ڌپ وارو مرض آهي. بادشاهه پڇيو: تو وٽ ان جو ڪهڙو ثبوت آهي، جو اهو منهنجي باري ۾ اهو گمان رکي ٿو، ان عرض ڪيو: حضور! جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ڳالهه تي اعتبار نٿو اچي ته اوهان آزمائي ڏسجو. ان کي پنهنجي ويجهو سڏي وٺو، جڏهن اهو اوهان جي ويجهو ايندو ته اهو پنهنجي نڪ تي هٿ رکي وٺندو ته جيئن ان کي اوهان جي وات جي بدبو نه اچي، اهو ٻڌي بادشاهه چيو: توهان وڃو مان جيستائين هن معاملي جي تحقيق نه ڪريان، ايستائين ان جي باري ۾ فيصلو نه ڪندس.

پوءِ اهو حاسد شاهي دربار مان هليو ويو ۽ انهيءَ شخص وٽ ويو، ان کي ماني جي دعوت ڏنائين جيڪا ان قبول ڪئي ۽ ان سان گڏ ان جي گهر ويو. حاسد ان کي جيڪا ماني کارائي، ان ۾ گهڻي ڪچي ٿوم وڌي هئي. بهرحال اهو دعوت کائي، گهر پهتو ته اچا ٿوري دير گذري ته بادشاهه جو قاصد آيو ۽ ان چيو، اوهان کي هينئر بادشاهه دربار ۾ گهرايو آهي، اهو قاصد سان گڏ دربار ۾ آيو ۽ بادشاهه ان کي سامهون ويهاريو ۽ چيو: اهي جملا ٻڌايو جيڪي توهان ٻڌائيندا آهيو، ان چيو: **”احسان ڪرڻ واري سان احسان ڪر ۽ جيڪو برائي ڪندو ان جي برائي جو بدلو ان کي پاڻهين ئي ملي ويندو.“** جڏهن ان پنهنجي ڳالهه مڪمل ڪئي ته بادشاهه ان کي پنهنجي ويجهو گُهرايو، هن جلدي سان پنهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو ته جيئن ٿوم جي بدبوءِ سان بادشاهه کي تڪليف نه ٿئي، جڏهن بادشاهه اها صورتحال ڏٺي ته پنهنجي دل ۾ هي چيائين ته ان شخص درست چيو هو ته اهو شخص منهنجي باري ۾ گمان رکي ٿو ته مون کي وات ۾ ڌپ واري بيماري آهي. بادشاهه ان شخص جي باري ۾ بدگماني ڪئي ۽ بنا تحقيق جي فيصلو ڪيو



www.dawateislami.net

تہ ان شخص کي سخت سزا ملڻ گھرجي. پوءِ بادشاھ پنھجي ھٿ سان ھڪ گورنر کي خط لکيو: اي گورنر! اھو شخص جيئن ئي تو وٽ منھنجو خط کڻي پھچي تہ ان کي ذبح ڪري ڇڏجان ۽ ان جي کل ۾ ٻُھہ ڀري، ان جو لاش مون ڏانھن موڪلي ڇڏجان، پوءِ بادشاھ ان خط تي مھر لڳائي ۽ ان شخص کي ڏيندي چيو تہ فلاڻي علائقي جي گورنر وٽ وڃ.

ان بادشاھ جي اھا عادت ھئي تہ جڏھن بہ ڪنھن کي انعام و اڪرام ڏيڻ چاھيندو ھو تہ ڪنھن گورنر ڏي پاڻ پنھجي ھٿ سان خط لکندو ھو ۽ ان شخص کي گورنر ڏانھن موڪلي ڇڏيندو ھو، اتان ان کي وڏي انعام و اڪرام سان نوازيو ويندو ھو، ڪڏھن بہ بادشاھ سزا جي لاءِ ڪنھن کي خط نہ لکيو ھو، اڄ بادشاھ ڪنھن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ اھو طريقو اختيار ڪيو ھو. بھرحال اُھو ماڻھو خط کڻي شاھي محل کان ٻاھر نڪتو تہ حاسد رستي تي انتظار ۾ ھو، ڏسڻ تہ ڇا ٿو ٿئي؟ جڏھن ان کي ايندي ڏٺو، پڇيائين تہ ڇا ٿيو؟ ڪيڏانھن جو ارادو آھي، ان چيو: مون بادشاھ کي پنھنجا گفتا ٻڌايا تہ ان مون کي اھو خط لکي ڏنو آھي ۽ چيائين تہ اھو خط فلاڻي گورنر وٽ کڻي وڃ، ھاڻي مان ان وٽ وڃي رھيو آھيان، حاسد چوڻ لڳو: ادا اھو خط مون کي ڏيو تہ مان ان کي گورنر تائين پھچائي ڇڏيندس، ان شريف ماڻھو اھو خط حاسد جي حوالي ڪري ڇڏيو. حاسد خط کڻي خوشي منجھان گورنر جي دربار ڏانھن روانو ٿيو ۽ رستي ۾ ھي سوچيندو پئي ويو تہ منھنجي قسمت ڪيڏي نہ سني آھي جو مان ان شخص کي بيوقوف بڻائي، انعام وارو خط ونئي ورتو ۽ ھاڻي مون کي ئي انعام و اڪرام سان نوازيو ويندو ۽ مان مالامال ٿي ويندس. انھن سوچن ۾ گم حاسد خوشي



www.dawateislami.net

منجهان اڳتي وڌي رهيو هو پر ان کي اها خبر نہ هئي تہ اهو پنهنجي عبرت ناڪ انجام ڏانهن وڌي رهيو آهي.

جڏهن اهو گورنر وٽ پهتو ۽ وڏي مؤدبانہ انداز ۾ بادشاھ جو خط گورنر کي ڏنائين ۽ گورنر جيئن ئي خط پڙهيو تہ پڇيائين: اي شخص! ڇا تو کي خبر آهي ان ۾ بادشاھ ڇا لکيو آهي؟ ان چيو: جناب! اهو ئي لکيو هوندو تہ مون کي انعام و اڪرام سان نوازيو وڃي. گورنر چيو: اي نادان شخص! ان خط ۾ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي جيئن ئي تون پهچين تہ مان توکي ذبح ڪري تنهنجي کل ۾ ٻُھ ڀري تنهنجو لاش بادشاھ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيان، اهو ٻڌي حاسد جا هوش حواس اُڏامي ويا ۽ چوڻ لڳو: ”خدا جو قسم! اهو خط منهنجي باري ۾ ناهي لکيو ويو، اهو تہ فلاڻي جي باري ۾ آهي، بيشڪ اوهان بادشاھ کان ان جي باري ۾ پڇي وٺو، گورنر ان جي بلڪل نہ ٻڌي ۽ چيو: اسان کي ڪا حاجت ناهي جو اسان بادشاھ کان ان معاملي جي تصديق ڪيون، بادشاھ جي مهر ان تي لڳل آهي، ان ڪري اسان کي بادشاھ جي حڪم تي عمل ڪرڻو ئي پوندو، ايترو چوڻ کان پوءِ ان جلاد کي حڪم ڏنو تہ ان حاسد کي ذبح ڪري ان جي کل لاهي ان ۾ ٻھ ڀريو پوءِ ان جو لاش بادشاھ ڏانهن موڪليو ويو.

هيڏانهن ٻئي ڏينهن اهو نيڪ شخص، معمول جي مطابق درٻار ۾ ويو ۽ بادشاھ جي سامهون بيهي، اهي ئي جملا دهرايا: **”احسان ڪرڻ واري سان احسان ڪر ۽ جيڪو برائي ڪندو ان جي برائي جو بدلو ان کي پاڻهين ئي ملي ويندو.“** جڏهن بادشاھ ان کي صحيح سلامت ڏٺو تہ پڇڻ لڳو: مون



www.dawateislami.net

اوهان کي جيڪو خط ڏنو هو ان جو ڇا ٿيو؟ ان جواب ڏنو تہ مان اوهان جو خط ڪٽي گورنر ڏانهن وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ مون کي فلان شخص مليو، ان مون کي چيو: اهو خط مون کي ڏيو تہ مان ان کي اهو خط ڏئي ڇڏيو، اهو ڪٽي گورنر ڏانهن ويو، بادشاھ چيو: ان شخص مون کي تہ تنهنجي باري ۾ ٻڌايو هو تہ تون منهنجي باري ۾ اهو گمان رکندو آهين تہ منهنجي وات مان بدبوءِ ايندي آهي، ڇا واقعي ائين آهي؟ ان شخص عرض ڪيو: بادشاھ سلامت! مون ڪڏهن بہ اوهان جي باري ۾ ائين ناهي سوچيو، بادشاھ پڇيو: جڏهن مون توکي پنهنجي ويجهو ويهاريو هو تہ پوءِ تو پنهنجي وات تي ڇو هٿ رکيو هو، ان عرض ڪيو: بادشاھ سلامت! اوهان جي دربار ۾ اچڻ کان ڪجھ دير اڳ ان شخص منهنجي دعوت ڪئي ۽ ڪاڌي ۾ مون کي تمام گهڻي ٿوم کارائي هئي، جنهن جي ڪري منهنجو وات بدبودار ٿي ويو هو، جڏهن اوهان مونکي پنهنجي ويجهو ويهاريو تہ مون اهو پسند نہ ڪيو تہ منهنجي وات جي بدبوءِ کان بادشاھ سلامت کي تڪليف پهچي، ان ڪري مون پنهنجو هٿ وات تي رکيو هو.

بادشاھ اهو ٻڌي چوڻ لڳو: اي خوشنصيب! تو بلڪل درست چيو تنهنجي اها ڳالھ بلڪل سچي آهي: **جيڪو ڪنهن سان برائي ڪري ٿو ان کي جلد ئي ان جي برائي جو بدلو ملي ويندو.** ان شخص تو سان برائي جو ارادو ڪيو ۽ ڪوڙ ڳالهائي توکي سزا ڏيارڻ چاهي ليڪن ان کي پنهنجي ڪوڙ ڳالهائڻ جو صلو پاڻهين ئي ملي ويو. سچ آهي تہ: جيڪو ڪنهن لاءِ کڏ کوٽيندو آهي اهو پاڻ ئي ان ۾ وڃي ڪرندو آهي. اي نيڪ شخص منهنجي سامهون ويهي اها ڳالھ وري دهراءِ، پوءِ اهو شخص بادشاھ جي



www.dawateislami.net

سامهون ويهي چوڻ لڳو: **”احسان ڪرڻ واري سان احسان ڪر ۽ جيڪو برائي ڪندو ان جي برائي جو بدلو ان کي پاڻهين ئي ملي ويندو.“**

پيارا مدني منو!

۞ جيڪو ڪنهن تي احسان ڪندو آهي تہ ان تي بہ احسان ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪو ڪنهن جي لاءِ برائي چاهيندو آهي تہ ان سان برو ئي معاملو ٿيندو آهي.

۞ جيڪو ڪوڙ ڳالهائي ٻين جي تباهي ۽ بربادي چاهيندو آهي اهو پاڻ تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو آهي.

۞ سني ڪم جو سنو نتيجو ۽ بري ڪم جو برو نتيجو.

۞ جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڪوڙ جهڙي بيماري کان محفوظ فرمائي.

دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت
سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام برا ہے

**الله** عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

بَلۡ نَقۡذِفُ بِالۡحَقِّ عَلَى الۡبَاطِلِ فَيَدۡمَغُهٗ (پ 17 الانبياء 18)

**ترجموڪنزالايمان:** بلڪ اسان حق کي باطل تي اڇلائي هڻندا آهيون پوءِ اهو ان جو ميڄالو ڪيڏي رکندو آهي.



www.dawateislami.net

# سچ جي برڪت

پيارا مدني منو!

هڪ مدني مني پنهنجي ماءُ کي عرض ڪيو: اي پياري امان! مون کي رضاءِ ربُّ الانام جي لاءِ راهِ خدا ۾ وقف ڪري ڇڏيو ۽ مون کي ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ بغداد شريف وڃڻ ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي انهن جو فيض حاصل ڪرڻ جي اجازت عطا فرمايو. ان مدني مني جي امڙ سڳوري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مشيت ۽ رضا تي لَبَّيۡڪ چيو ۽ راهِ خدا جي ان ننڍي مسافر جي لاءِ زادِ راهِ تيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ چاليهه دينار پنهنجي پياري فرزند جي قميص جي اندر سبي ڇڏيا، پوءِ سفر تي روانو ٿيڻ ڪان پهريان پنهنجي شهزادي کان واعدو ورتو تہ **سدائين هر حال ۾ سچ ڳالهائجان**، پوءِ ان عظيم ماءُ رضاء الٰهي حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي فرزند کي اهو چوندي الوداع چيو: وڃ! مون تو کي راهِ خدا ۾ هميشہ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، هاڻي مان اهو چهرو قيامت کان پهريان نہ ڏسنديس.

راهِ خدا جو اهو ننڍو مسافر علمِ دين حاصل ڪرڻ جي جذبي سان سرشار ۽ اولياء سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي محبت کي سيني ۾ سانڍي هڪ قافلي سان گڏ بغداد ڏانهن روانو ٿيو، رستي ۾ سٺ ڌاڙيل قافلي جو رستو روڪي ڦرمار ڪرڻ لڳا، انهن ڪنهن کي بہ نہ



www.dawateislami.net

چڏيو، هر هڪ کان ان جو مال ملڪيت ڦري ورتو پر ان مدني مني کي نٺيو سمجهندي ڪنهن ڪجهه به نه چيو، هڪ ڌاڙيل ويجهو کان لنگهندي ائين ئي پڇيو: اي مدني منا! ڇا توهان وٽ به ڪجهه آهي؟ مدني مني يڪدم جواب ڏنو: جي ها! مون وٽ چاليهه دينار آهن، ڌاڙيل مذاق سمجهيو ۽ اڳتي هليو ويو اهڙي طرح هڪ ٻئي ڌاڙيل به ويجهو کان گذرندي پڇيو، ان مدني مني ساڳيو ئي جواب ڏنو، جڏهن اهي ٻئي ڌاڙيل پنهنجي سردار وٽ ويا ۽ ان کي ٻڌايو ته قافلي ۾ هڪ بهادر مدني منو آهي جيڪو ان حال ۾ به مذاق ڪري رهيو آهي.

سردار مدني مني کي سڏ ڪرايو، اهي آيا ته ان جي پڇڻ تي هاڻي به ساڳيو جواب ڏنو جيڪو پهريان ڏنو هو. سردار تلاشي ورتي ته واقعي چاليهه دينار ملي ويا، مدني مني جي سچ ڳالهائڻ تي سڀ حيران ٿيا ۽ سچ ڳالهائڻ جو سبب پڇيو ته مدني مني جواب ڏنو ته منهنجي امڙ گهران نڪرڻ مهل واعدو ورتو هو **سدائين هر حال ۾ سچ ڳالهائجان، ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائجان** ۽ مان پنهنجي امڙ سان **ڪيل** واعدو نٿو ٽوڙي سگهان. ڌاڙيلن جو سردار مدني مني جي اها ڳالهه ٻڌي روئي چوڻ لڳو: هاءِ افسوس، صد افسوس! اهو مدني منو پنهنجي امڙ سان **ڪيل** واعدو اهڙي طرح پورو ڪري رهيو آهي ۽ هڪ مان آهيان جو ڪئي سالن کان وٺي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان **ڪيل** واعدي جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهيان، پوءِ ان سردار روئيندي راهه خدا جي ان ننڍي



www.dawateislami.net

مسافر جي هٿ تي توبهه ڪري ورتي ۽ ان جي باقي ساٿين پڻ اهو چوندي توبهه ڪئي تہ اي سردار! جڏهن برائي واري راهه تي تون اسان جو سردار هئين تہ هاڻي نيڪي جي راهه ۾ بہ تون ئي اسان جو سردار آهين. (بهجة الاسرار ص 167)

پيارا مدني منو! چا اوهان کي خبر آهي تہ راهِ خدا جا اهي ننڍا مسافر ڪير هئا؟ اهي ٻيا ڪير نہ بلڪ اسان جا پيرو مرشد، حضور غوثِ پاڪ، شيخ سيد عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي هئا. جن اجا راهِ خدا ۾ سفر جو آغاز ڪيو هو تہ ان ننڍي عمر ۾ صرف ماءُ سان ڪيل واعدي کي پورو ڪرڻ جي برڪت سان سٺ ڌاڙيلن سندن جي هٿ تي توبهه ڪئي، تہ ڪجهه سوچيو! جيڪڏهن پانهو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ڪيل واعدي جي پاسداري ڪرڻ لڳي تہ ڪيڏي وڏي مرتبي تي فائز ٿيندو، بس! اهو ئي سبب آهي جو امڙ سان جيڪو واعدو ڪري آيا هئا تہ سدائين سچ ڳالهائيندا ۽ سچ جو مان مٿاهون ڪندا ۽ سچ جي برڪت سان جڏهن سندن شهرت عام ٿي هزارين نہ بلڪ لکين راهہ حق کان ڀٽڪيل ماڻهو سڌي واٽ تي اچي ويا ۽ هر ننڍي وڏي نہ صرف سندن جي ولايت جو اعتراف ڪيو بلڪ پاڻ کي پنهنجو سر جو تاج بہ سمجهيو.

وہاں سر جھکاتے ہیں سب اونچے اونچے

جہاں ہے ترا نقشِ پا غوثِ اعظم



www.dawateislami.net

## ڪوڙ ۾ خدا جي ناراضي

پيارا مدني منو! ڪوڙ جي بيشمار نقصانن مان هڪ نقصان اهو به آهي ته ڪوڙ ڳالهائڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويندو آهي، جيئن ته فرمان باري تعاليٰ آهي:

لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿۶۱﴾ (پ 3 آل عمران 61)

ترجموڪنزالايمان: ڪوڙن تي الله جي لعنت

ڪنهن شخص حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى کي عرض ڪيو: اي ابوسعيد! مون رحيم و ڪريم پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪئي ته ان مون کي بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، مون شفا طلب ڪئي ته ان شفا عطا فرمائي، مون وري ان جي نافرماني ڪئي ته وري بيماري ۾ ٻيهر مبتلا ٿي ويس، وري گناهن جي معافي طلب ڪئي ۽ تندرستي جي دعا گهري، ان پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ مون کي شفا عطا فرمائي، مان ان طرح گناهه ڪندو رهيس ۽ اهو معاف ڪندو رهيو، پنجين ڀيري بيمار ٿيس ته مان ان ڀيري وري الله عَزَّوَجَلَّ کان گناهن جي معافي طلب ڪئي ۽ صحتيابي لاءِ عرض ڪيو ته پنهنجي گهر جي ڪنڊ مان اهو آواز ٻڌو: تنهنجي دعا ۽ مناجات قبول ناهي اسان تو کي ڪئي ڀيرا آزمايو پر هر ڀيري تو کي ڪوڙو ڏٺو.

(عيون الحڪايات ج 2 ص 23)



www.dawateislami.net

## ڪوڙ نفاق جي علامت آهي:

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: منافق جون ٽي علامتون آهن:

﴿1﴾ جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي.

﴿2﴾ جڏهن واعدو ڪري ته پورو نه ڪري.

﴿3﴾ جڏهن ان وٽ امانت رکي وڃي ته خيانت ڪري.

جيتوڻيڪ اهو نماز پڙهندو هجي، روزا رکندو هجي ۽ پنهنجو پاڻ کي مسلمان سمجهندو هجي. (صحيح مسلم حديث 59 ص 50)

مفسر شهير، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هڪ هنڌ لکن ٿا: سيني گناهن جي جڙ ڪوڙ آهي. (مراة المناجيح ج 6 ص 447)

# گارڊيڻ جي سزا

الله عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ۙ﴿۲﴾

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۙ﴿۳﴾ (پ 18 المومنون 1 تا 3)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ مراد کي پهتا ايمان وارا! جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا ۽ اهي جيڪي ڪنهن بيهودي ڳالهه جي طرف واجهائيندا نه آهن.



www.dawateislami.net

پيارا مدني منو! ڏٺو اوهان الله عَزَّوَجَلَّ چڱين ڳالهين ڪرڻ وارن کي پسند فرمائي ٿو ۽ بريون ڳالهيون ڪرڻ وارن کي پسند ناهي ڪندو، پر بدقسمتي سان اڄڪلهه ڪارگند ۽ بريون ڳالهيون ڏاڍيون عام ٿي چڪيون آهن ٻار هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت ان بري عادت ۾ مبتلا نظر اچي ٿو، بلڪ هاڻي ته گاريون ڏيڻ ماڻهن جو تڪيہ ڪلام بڻجي ويو آهي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي گار ڏني ويندي آهي ۽ آهہ! هاڻي ته ماڻهن جا ضمير مُرده ٿي چڪا آهن اهي هڪ ٻئي کي گنديون گنديون گاريون ڏئي کلندا آهن ۽ اهڙي طرح ڪاوڙ اچڻ وقت بہ گارگند عام ٿي وئي آهي يعني هاڻي ته اهو دور اچي ويو آهي جو مذاق مسخري ۾ بہ گاريون ڏنيون وينديون آهن ۽ ڪاوڙ جي وقت بہ.

پيارا مدني منو! گار ڏيڻ نهايت ئي بري ڳالهہ آهي چا اوهان مان ڪو اها جرئت ڪري سگهندو ته پنهنجي پير، استاد يا والد يا ڪنهن معزز شخص جي سامهون گار ڏئي، هرگز نہ! ڪجهہ سوچيو ته اسان جو عظيم پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کي هر وقت ڏسي رهيو آهي ۽ اسان جون ڳالهيون پڻ ٻڌي رهيو آهي بلڪ اهو ته اسان جي شہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي ته پوءِ گاريون ڏيڻ ۽ بريون ڳالهيون ڪرڻ وقت اسان کي اهو احساس چو نٿو ٿئي.

حضرت سيدنا بشر حافي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الکافي نهايت گهٽ ڳالهائيندا هئا ۽ پنهنجي دوستن کي فرمائيندا هئا: توهان غور ڪريو ته پنهنجي اعمال



www.dawateislami.net

نامي ۾ ڇا لکرائي رهيا آهيو؟ ڇو تہ اهو توهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي سامهون پيش ٿيندو تہ جيڪو شخص بريون ڳالهيون ڪندو آهي ان تي افسوس آهي، جيڪڏهن پنهنجي دوست کان ڪجهہ لکرائيندي ان ۾ برا الفاظ لکرايو تہ اها ان سان توهان جي بي حيائي تصور ٿيندي پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَ سان توهان جو ڇا ورتاءُ آهي؟

پيارا مدني منو! گاريون ڏيڻ وقت اسان کي هن ڳالهہ جو احساس ناهي ٿيندو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جا معصوم ملائڪ اسان جي هر ڳالهہ لکي رهيا آهن تہ جڏهن اسان جي زبان مان نڪتل گاريون، بي شرمي ۽ بي حيائي واريون ڳالهيون انهن کي لکڻيون پونديون هونديون تہ انهن کي ڪيتري تڪليف ٿيندي هوندي جيئن حضرت سيدنا امام حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: انسان تي تعجب آهي جو ڪرامًا ڪاتبين هن وٽ آهن ۽ ان جي زبان انهن جو قلم ۽ ان جو لعاب انهن جي مس آهي پوءِ بہ بيهوده گفتگو ڪندو آهي.
(تنبيہ المغترين ص 190)

پيارا مدني منو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي قهر و غضب کان هر وقت پناهہ گهرندا رهو ۽ اهڙين ڳالهين سان بلڪل پرهيز ڪيو جنهن سان **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيندو آهي، هميشہ سٺيون ڳالهيون ڪريو ڇوتہ مديني جي تاجدار، شافع روز شمار، نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد خوشبودار آهي: بيشڪ ٻانهو ڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پسند وارو ڪو اهڙو جملو ڳالهائيندو آهي جنهن پاسي ان جو ڌيان ئي ناهي هوندو ۽ ان جي ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جا ڪيئي درجا بلند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ بيشڪ ٻانهو ڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي



www.dawateislami.net

نافرماني وارو ڪو اهڙو جملو ڳالهائيندو آهي جو ان ڏانهن ان جو ڌيان بہ ناهي هوندو ان جي ڪري دوزخ ۾ ڪرندو ويندو آهي.

(مشڪوٰة المصابيح حديث 4813 ج 2 ص 189)

پيارا مدني منو! اسان کي پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکڻ گهرجي. گارگند، بي حيائي ۽ بي شرمي وارين ڳالهين کان پاسو ڪرڻ گهرجي تہ جيئن آخرت ۾ اسان نجات حاصل ڪيون، جهڙي طرح حضرت سيدنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي: مان بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو تہ نجات ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکو ۽ توهان جو گهر توهان جي گنجائش رکي (يعني بيڪار هيڏانهن هوڏانهن نہ وڃو) ۽ پنهنجي خطا تي روئو. (سنن ترمذي حديث 2414 ج 4 ص 182)

پيارا مدني منو! اچو هاڻي گار ڏيڻ جي شرعي حيثيت جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻ حاصل ڪيون ٿا:

**سوال:** **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ گار ڏيڻ واري جي حيثيت ڇا آهي؟

**جواب:** **الله** عَزَّوَجَلَّ گار ڏيڻ واري کي ناپسند ڪندو آهي ۽ ان کي پنهنجو دشمن سمجهندو آهي.

**سوال:** سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو گار ڏيڻ واري جي باري ۾ ڇا ارشاد آهي؟



www.dawateislami.net

**جواب:** سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: فحش گوئي (يعني گار گند ۽ بيهوده ڳالهيون) ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي.

(موسوعة ابن ابي الدنيا الحديث: 325، ج 7، ص 204)

**سوال:** بزرگان دين کي جيڪڏهن ڪو گار ڏيندو هو تہ اهي ان سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا هئا؟

**جواب:** بزرگان دين کي جڏهن ڪو گار ڏيندو هو تہ اهي ڪاوڙ نہ ڪندا هئا بلڪ ان جي لاءِ دعاءِ خير ڪندا هئا ۽ حسن اخلاق جو مظاهرو ڪندا هئا.

پيارا مدني منو! بدقسمتي سان اڄ ڪلھ اسان جو معاملو بلڪل ابتڙ آهي. اڄ جيڪڏهن اسان کي ڪو گهٽ وڌ ڳالهائي تہ اسان ڪاوڙ مان ڳاڙها ٿي ويندا آهيون ۽ خوب گار گند ڪندا آهيون بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ويڙهہ جهڳڙو پڻ ڪندا آهيون. اي ڪاش! انهن بزرگن جي صدقي اسان بااخلاق بڻجي وڃون، پنهنجي لاءِ ڪاوڙ ڪرڻ ۽ گاريون ڏيڻ جي عادت ختم ٿي وڃي ۽ هميشہ نرمي اختيار ڪيون چوتہ:

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں

ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

**سوال:** گار ڏيڻ جو شرعي حڪم ڇا آهي؟

**جواب:** گار ڏيڻ ناجائز ۽ گناه آهي.



www.dawateislami.net

**سوال:** ويڙهه جهڳڙي ۾ گار ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ويڙهه جهڳڙي ۾ گار ڏيڻ منافق جي علامت آهي.

**سوال:** بعض ٻار جڏهن پاڻ ۾ وڙهي پوندا آهن ته هڪ ٻئي تي لعنت ڪندا آهن ته انهن جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ٻهريان ته ويڙهه جهڳڙو نهايت ئي بري ڳالهه آهي ۽ وري ڪنهن مسلمان تي لعنت وجهڻ ناجائز و گناهه آهي حديث شريف ۾ آهي: مؤمن تي لعنت موڪلڻ ان کي قتل ڪرڻ جيان آهي. (المعجم الكبير حديث 1330 ج 2 ص 73)

**سوال:** ڇا گاريون ڏيڻ، بي حيائي ۽ بي شرمي واريون ڳالهيون ڪرڻ سان دل سخت ٿيندي آهي؟

**جواب:** جي ها! گاريون ڏيڻ، بي حيائي ۽ بي شرمي واريون ڳالهيون ڪرڻ سان دل سخت ٿي ويندي آهي ۽ بدن سست رهندو آهي ۽ رزق ۾ تنگي ٿيندي آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو زماني کي برو ڀلو چوندا آهن ان جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** زماني کي برو ڀلو چوڻ ائين آهي جيئن **الله** عَزَّوَجَلَّ کي برو چوڻ، ان ڪري زماني کي برو ڀلو نه چئجي.



www.dawateislami.net

# نعت شریف



قسمت میری چمکائیے چمکائیے آقا
مجھ کو بھی درِ پاک پہ بلوائیے آقا

سینے میں ہو کعبہ تو بسے دل میں مدینہ
آنکھوں میں میری آپ سما جائیے آقا

بے تاب ہوں بے چین ہوں دیدار کی خاطر
تڑپائیں نہ اب خواب میں آ جائیے آقا

ہر سمت سے آفات و بلیات نے گھیرا
مجبور کی امداد کو اب آئیے آقا

سکرات کا عالَم ہے شہا دم ہے لبوں پر
تشریف سرہانے مرے اب لائیے آقا

وحشت ہے اندھیرا ہے میری قبر کے اندر
آ کر ذرا روشن اسے فرمائیے آقا

مجرم کو لیے جاتے ہیں اب سوئے جہنم
للہ! شفاعت مری فرمائیے آقا

عطّار پہ ہو بہرِ رضا اتنی عنایت
ویرانۂ دل آ کے بسا جائیے آقا


www.dawateislami.net

# مدني مهينا

## مبارڪ اسلامي مهينا

### ﴿1﴾ مُحَرَّمُ الْحَرَام

مُحَرَّمُ الحَرام اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي ۽ ان مبارڪ مهيني کي ڪافي نسبتون حاصل آهن، هن مهيني جي ڏهين تاريخ کي



يوم عاشوره چيو ويندو آهي ، اهو ڏينهن نواسهءِ رسول، مظلوم ڪربلا، امام عالي مقام، سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو يوم شهادت آهي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کي 10 محرم الحرام 61 ھ ۾ ميدان ڪربلا ۾ سندن ساٿين سميت شهيد ڪيو ويو هو. سڄي دنيا ۾ عاشقان رسول شبِ عاشوره تي سندن جي ايصال ثواب جي لاءِ اجتماع ذڪر ونعت جو انعقاد ڪندا آهن ۽ نياز و غيره جو انتظام پڻ ڪندا آهن.

### ﴿2﴾ صَفَرُ الْمُظَفَّر

25 صفر المظفر تي عاشقان رسول سڄي دنيا ۾ عقيدت و احترام سان اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مجدّد دين و ملت



امام احمد رضا خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن جو عرس ملهائيندا آهن ۽ 28 تاريخ تي حضرت سيّدنا امام رباني، مُجدّد الف ثاني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوۡرَانِي جن جو عرس ملهايو ويندو آهي.



www.dawateislami.net

## ﴿3﴾ رَبِيعُ الْاَوَّل (ربيع النور)



اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ 12 ربيع الاول جو سرڪار مدينہ، قرار قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دنيا ۾ جلوا فرما تيا. سڄي دنيا ۾ عاشقان رسول انهيءَ ڏي نهن مدني جلوس ۾ شرڪت ڪندا آهن ۽ ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد ۾ شرڪت ڪري صبح صادق جي وقت صبح بهاران جو اشڪبار اکين سان استقبال ڪندا آهن.

## ﴿4﴾ رَبِيعُ الثَّاني (ربيعُ الغوث)




هن مبارڪ مهيني ڪي سرڪار بغداد حضور غوثِ پاڪ حض رت سيدنا عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي سان نسبت آهي يارهين جي رات عاشقان رسول سيدنا غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ايصال ثواب ۽ لنگر غوث يہ جو اهتمام ڪندا آهن سرڪار بغداد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مزار شريف بغداد معلّيٰ (عراق) ۾ آهي.

## ﴿5﴾ جُمَادَي الْاُوْلٰي

7 جمادي الاولٰي تي عاشقان رسول حضرت سيدنا شاه رڪن عالم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جو ۽ 17 تي شهزادهءِ اعلٰي حضرت، حضرت سيدنا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جو عرس مبارڪ نهايت عقيدت واحترام سان ملهائيندا آهن.





www.dawateislami.net

### ﴿6﴾ جُمَادَي الْاُخْرٰي



22 جمادي الاخري عاشق اكبر حضرت سيدنا صديق اكبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هن فاني جهان مان لاڏاڻو فرمايو، ھ ن ڏينهن عاشقانِ رسول سندن ياد ۾ ايصال ثواب جو خوب اهتمام كندا آهن.

### ﴿7﴾ رَجَبُ الْمُرَجَّب



رجب المُرَجَّب جي 27 هين رات جو اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمان تي سير لاءِ تشريف كڻي ويا ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو اكين سان ديدار كيو، هن رات كي شب معراج چيو ويندو آهي، اها نهايت مقدّس رات آهي.

### ﴿8﴾ شَعْبَانُ الْمُعَظَّم



شعبان المعظم جي بار ي ۾ مكي مدني سركار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اهو منهنجو مهينو آهي هن مبارك مهيني جي پندرهين رات كي شب براءت چيو ويندو آهي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هن رات ۾ تجلّي فرمائيندو آهي ۽ جيكي توبهہ كندا آهن، انهن كي بخشي ڇڏيندو آهي ۽ جيكي رحمت طلب كندا آهن انهن تي رحم كندو آهي. ان كري هن رات آتش بازي ۽ ٻين حرام كمن كان بچڻ گهرجي ۽ خوب



www.dawateislami.net

عبادت ڪري پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ گهرجي.

## ﴿9﴾ رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ



رمضان المبارڪ جي مهيني کي الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو چيو ويندو آهي ۽ هن ۾ روزا رکيا ويندا آهن. رمضان المبارڪ جي فيضان جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن جي هر گهڙي رحمت ڀري آهي هن مهيني ۾ اجر و ثواب وڌي ويندو آهي نفل جو ثواب فرض برابر ۽ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌاي و ويندو آهي، بلڪ هن مهيني ۾ روزيدار جو سمهڻ بہ عبادت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.

## ﴿10﴾ شَوَّالُ الْمُكَرَّم




پهرين شوال المڪرم تي دنيا ۾ عاشقان رسول عيدالفطر ملهائيندا آهن، هن ڏينهن جا ڪيئي فضائل آهن ان ڪري هن ڏينهن کي غفلت ۾ گذارڻ بدران عبادت ۾ گذارڻ گهرجي.



## ﴿11﴾ ذُوالْقَعْدَةِ الْحَرَام

ذوالقعدة الحرام جي 20 تاريخ تي عاشقان رسول ڪراچي ۾ حضرت سيدنا عبدالله شاهه غازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو عرس



www.dawateislami.net

وڏي اهتمام سان ملهائيندا آهن ۽ 29 تاريخ تي اعليٰ حضرت جي والد سڳوري حضرت سيدنا مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي عرس جون محفلون منعقد ڪيون وينديون آهن.

## ﴿12﴾ ذُوالۡحِجَّةِ الۡحَرَام




10 ذوالحِجَّةِ الحرام تي عيدالاضحيٰ مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي ويندي آهي. هن موقعي تي عاشقان رسول قربان ي جو اهتمام پڻ ڪندا آهن ۽ حج جهڙو اهم فريضو پڻ انهيءَ مبارڪ مهيني ۾ ادا ڪيو ويندو آهي.



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي



## باني دعوت اسلامي
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه
## امير اهلسنت

هن پُرفتن دؤر (يعني پندرهين صدي هجري) ۾ جڏهن سڄي دنيا ۾ گناهن جي يلغار مسلمانن جي اڪثريت کي بي عمل بڻائي ڇڏيو هو، مسجدون ويران ۽ گناهن جا اڏا آباد ٿيندا ٿي رهيا هئا. ان نازڪ حالات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هڪ ڪامل ولي کي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل امت جي اصلاح جي لاءِ منتخب فرمايو، جن کي دنيا امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي نالي سان سڃاڻيندي آهي.

## سندن مبارڪ حياتي جون ڪجھ جھلڪيون

**سوال:** شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو مبارڪ نالو ڇا آهي؟

**جواب:** سندن جو نالو مبارڪ ”محمد“ ۽ عرفي نالو ”الياس“ آهي سندن ڪنيت ”ابوبلال“ ۽ تخلُّص ”عطار“ آهي سندن مڪمل نالو اهو آهي: ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه.



www.dawateislami.net

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ولادت باسعادت ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪهڙي ڏينهن ٿي؟

**جواب:** 26 رمضان المبارڪ 1369ھ بمطابق 12 جولائي 1950ع اربع جي ڏينهن پاڪستان جي مشهور شهر باب المدينہ ڪراچي ۾ مغرب جي نماز کان ٿوري دير پهريان ٿي.

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والد محترم جو نالو ڇا آهي؟

**جواب:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والد محترم جو نالو حاجي عبدالرحمٰن قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهي جيڪي نهايت پرهيزگار انسان هئا.

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والده ماجده جو نالو ڇا آهي؟

**جواب:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي والده ماجده جو نالو امينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا آهي، جيڪا نيڪ پرهيزگار خاتون هئي.

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اصلاح امت جي جذبي جي تحت ڪهڙي عظيم الشان مدني تحريڪ جو بنياد رکيو؟



www.dawateislami.net

**جواب:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جو بنياد رکيو ۽ هن مدني تحريڪ کي پنهنجي ڏينهن رات جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان خوب ترقي ڏياري.

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي ڪهڙو مدني مقصد عطا فرمايو آهي؟

**سوال:** شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي اهو مدني مقصد عطا فرمايو آهي: **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“** اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

# مَنقبت عطار

سنت کو پھیلایا ہے امیرِ اہلسنّت نے
بدعت کو مٹایا ہے امیر اہلسنّت نے

ہزاروں گم رہوں کو وعظ اور تحریر سے اپنی
رہِ جنت دکھایا ہے امیر اہلسنّت نے

کرا کر بہت سے کُفّار وفُجّار سے توبہ
جہنم سے بچایا ہے امیر اہلسنّت نے

ہزاروں عاشقانِ لندن و پیرس کو دیوانہ
مدینے کا بنایا ہے امیر اہلسنّت نے

لاکھوں فیشنی چہروں کو داڑھی اور سروں کو بھی
عمامے سے سجایا ہے امیر اہلسنّت نے

وہ فیضانِ مدینہ رات دن تقسیم کرتا ہے
جسے مرکز بنایا ہے امیر اہلسنّت نے

بہت محنت لگن سے اپنے پیارے دین کا ڈنکا
دنیا میں بجایا ہے امیر اہلسنّت نے

الٰہی پھولتا پھلتا رہے روزِ حشر تک یہ
گلستاں جو لگایا ہے امیر اہلسنّت نے

اس ناکارہ عائذ کو خلوص اپنے کی شمع کا
پروانہ بنایا ہے امیر اہلسنّت نے



www.dawateislami.net

# وِرد ۽ وظيفا

﴿1﴾ يَا قَادِرُ: جيڪو وضو جي دوران هر عضو ڌوئڻ وقت پڙهڻ جي عادت بڻائي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان ڪي دشمن اغوا نہ ڪري سگهندو.



﴿2﴾ يَا مُحْيِيُ، يَا مُمِيْتُ: 7 ڀيرا روزانو پڙهي پاڻ تي دم ڪري اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ جادو اثر نہ ڪندو.

﴿3﴾ يَا مَاجِدُ: 10 ڀيرا پڙهي شربت وغيره تي دم ڪري پي وڃي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بيمار نہ ٿيندو.

﴿4﴾ يَا وَاجِدُ: جيڪو کائڻ وقت هر گرهہ تي پڙهندو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اهو کاڌو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري دور ٿيندي.

# درود رضويہ شريف

صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ
صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ[1]

اهو درود پاڪ هر نماز کان پوءِ خاص ڪري جمعي جي ڏينهن مديني شريف ڏانهن منهن ڪري سؤ ڀيرا پڙهڻ سان بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن.

(پاڪ و هند ۾ ڪعبي شريف ڏانهن رخ ڪرڻ سان مديني شريف ڏانهن پڻ چهرو ٿي ويندو آهي)

---

[1] الوظيفة الڪريم ص 40



www.dawateislami.net



# من قبتِ غوث اعظم

یا غوث !بلاؤ مجھے بغداد بلاؤ
بغداد بلا کر مجھے جلوہ بھی دکھاؤ

دنیا کی محبت سے مری جان چھڑاؤ
دیوانہ مجھے شاہِ مدینہ کا بناؤ

چمکا دو ستارہ مری تقدیر کا مُرشِد
مدفن کو مدینے میں جگہ مجھ کو دلاؤ

نیّا مری منجدھار میں سرکار پھنسی ہے
امداد کو آؤ مری امداد کو آؤ



www.dawateislami.net

ہوں بہر علی مشکلیں آسان ہماری
آفات وبلّیات سے یا غوث! بچاؤ

یا پیر! میں عصیاں کے سمندر میں ہوں غلطاں
لله گناہوں کی تباہی سے بچاؤ

اچھوں کے خریدار تو ہر جا پہ ہیں مُرشِد
بدکار کہاں جائیں جو تم بھی نہ نبھاؤ

احکام شریعت رہیں ملحوظ ہمیشہ
مُرشِد مجھے سنت کا بھی پابند بناؤ

عطّارؔ کو ہر ایک نے دھتکار دیا ہے
یا غوث! اسے دامن رحمت میں چھپاؤ

## بندگي جي حقيقت

بندگي ٽين شين جو نالو آهي: (1) احڪام شريعت جي پابندي ڪرڻ (2) الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مقرر ڪيل قضا و قدرۃ تقسيم تي راضي ٿيڻ (3) الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ پنهنجي نفس جي خواهشن ڪي قربان ڪرڻ. (پٽ ڪي وصيّت ص 37)



www.dawateislami.net



# یا ربّ محمد! میری تقدیر جگا دے[1]

یا ربّ محمد! میری تقدیر جگا دے
صحرائے مدینہ مجھے آنکھوں سے دکھا دے

پیچھا مرا دنیا کی محبت سے چھڑا دے
یا ربّ! مجھے دیوانہ مدینے کا بنا دے

روتا ہوا جس دم میں درِیار پہ پہنچوں
اس وقت مجھے جلوۂ محبوب دکھا دے

دل عشقِ م0حمد میں تڑپتا رہے ہر دم
سینے کو مدینہ میرے اللہ بنا دے

---

[1] وسائل بخشش ص 58



www.dawateislami.net

بہتی رہے ہر وقت جو سرکار کے غم میں
روتی ہوئی وہ آنکھ مجھے میرے خدا دے

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں
مدفن مرا محبوب کے قدموں میں بنادے

ہو بہرِ رضا نظرِ کرم سوئے گنہگار
جنت میں پڑوسی مجھے آقا کا بنادے

دیتا ہوں تجھے واسطہ میں پیارے نبی کا
اُمت کو خدایا رہِ سنت پہ چلا دے

عطار سے محبوب کی سنت کی لے خدمت
ڈنکا یہ ترے دین کا دنیا میں بجادے

اللہ ملے حج کی اسی سال سعادت
عطّارؔ کو پھر روضۂ محبوب دکھادے

## پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ جي برڪت

شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشبودار آهي: مَنْ عَمِلَ بِمَا عَلِمَ وَرَّثَهُ اللهُ عِلْمَ مَالَمْ يَعْلَمْ يعني جنهن پنهنجي علم تي عمل ڪيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙو علم عطا فرمائيندو جيڪو اهو پهريان نه ڄاڻندو هو.

(حلية الاولياء رقم: 455 حديث 14320 ج 10 ص 13)



www.dawateislami.net



# صلوٰة و سلام[1]

تاجدارِ حرم اے شہنشاہِ دین
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

ہو نگاہِ کرم مجھ پہ سلطانِ دین
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

دور رہ کر نہ دم ٹوٹ جائے کہیں
کاش طیبہ میں اے میرے ماہِ مبیں

دفن ہونے کو مل جائے دو گز زمیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

کوئی حسنِ عمل پاس میرے نہیں
پھنس نہ جاؤں قیامت میں مولیٰ کہیں

اے شفیعِ امم! لاج رکھنا تمہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

دونوں عالم میں کوئی تم سا نہیں
سب حسینوں سے بڑھ کر تم ہو حسیں

قاسم رزق ربُّ العلیٰ ہو تمہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

---

[1] وسائل بخشش ص 586 تا 587



www.dawateislami.net

فکرِ اُمت میں راتوں کو روتے رہے
عاصیوں کے گناہوں کو دھوتے رہے

تم پہ قربان جاؤں مرے مہ جبیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

پھول رحمت کے ہر دم لٹاتے رہے
یاں غریبوں کی بگڑی بناتے رہے

حوضِ کوثر پہ نہ بھول جانا کہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

ظلم کفار کے ہنس کے سہتے رہے
پھر بھی ہر آن حق بات کہتے رہے

کتنی محنت سے کی تم نے تبلیغِ دیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

موت کے وقت کر دو نگاہِ کرم
کاش! اس شان سے یہ نکل جائے دم

سنگِ در پر تمہارے ہو میری جبیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

اب مدینے میں ہم کو بلا لیجئے
اور سینہ مدینہ بنا دیجئے

از پئے غوثِ اعظم امامِ مبیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

عشق سے تیرے معمور سینہ رہے
لب پہ ہر دم مدینہ مدینہ رہے

بس میں دیوانہ بن جاؤں سلطانِ دیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

دور ہو جائیں دنیا کے رنج و اَلم
ہو عطا اپنا غم دیجئے چشمِ نم

مال و دولت کی کوئی تمنا نہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام

اب بلا لو مدینے میں عطّارؔ کو
اپنے قدموں میں رکھ لو گنہگار کو

کوئی اس کے سوا آرزو ہی نہیں
تم پہ ہر دم کروڑوں درود و سلام



www.dawateislami.net




# دعا جا مدني گل

پيارا مدني منو! دعا گهرڻ وڏي سعادت آهي، قرآن و حديث ۾ مختلف جڳهن تي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي: ڇا توهان کي اها شيء نہ ٻڌايان جيڪا توهان کي توهان جي دشمن کان نجات ڏئي ۽ توهان جو رزق وسيع ڪري، رات ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرندا رهو، ڇوتہ دعا مؤمن جو هٿيار آهي. (مسند ابي يعليٰ حديث 1806 ج 2 ص 201)

محبوب ربّ العِزت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ دعا کان وڌيڪ ڪا شيءِ نہ آهي.

(سنن ترمذي 3381 ج 5 ص 243)



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُنّين سُنّين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ✽ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ✽ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ




www.dawateislami.net

MC 1286

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net